ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اڱارو 03 نومبر 2026ع 22 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (80)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 3rd November 2026
Daily Ibrat Karachi

عدالتي نگران جي مقرري غيرمعمولي قدم، ملڪيت کي نقصان يا زيان جو فوري خطرو ثابت ڪرڻ ضروري قرار

پنڊل سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بينچ حيدرآباد ڪوه نور پيٽرول پمپ جي ڊيلرشپ ۽ وراثتي شيئر جي تڪرار جي حوالي سان ڪيس ۾ اهي قانوني اصول واضح ڪيا

عارضي حڪم امتناعي ۽ ريسيور جي مقرري جون قانوني گهرجون مختلف آهن. ڪيس جو ٻنهي ڌرين جي سهولت جو توازن ۽ ناقابل تلافي نقصان جي خدشي کي ثابت ڪرڻ ضروري آهي: سپريم ڪورٽ

درخواست ڏيندڙن ڪوه نور پيٽرول پمپ بابت حق جي دعوي ۽ مستقل حڪم امتناعي لاءِ سول عدالت سان رابطو ڪيو هو. ٽرائل ڪورٽ 30 مئي 2025ع تي عارضي حڪم امتناعي جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي

اپيليٽ ڪورٽ پيٽرول پمپ جي سيل کولڻ ۽ ڇهن مهينن يا ڪيس جي فيصلي تائين ڊيلرشپ ۾ مداخلت نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. سنڌ هاءِ ڪورٽ 20 آڪٽوبر 2025ع تي اپيليٽ ڪورٽ جو حڪم ڪالعدم قرار ڏنو

ٻنهي ماتحت عدالتن جي حڪمن ۾ واضح تضاد آهي ۽ ٽرين ڊي ۾ اصل تڪرار جو مناسب طور تي جائزو ناهي ورتو ويو. فيصلي ۾ عارضي حڪم امتناعي ۽ ريسيور جي مقرري بابت قانوني اصولن جي تفصيلي وضاحت

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته تڪرار هيٺ ملڪيت جي تحفظ لاءِ ريسيور (عدالتي نگران) جي مقرري سخت ۽ غير معمولي عدالتي قدم آهي جنهن لاءِ اهو ثابت ڪرڻ ضروري آهي ته ملڪيت جي ضايع ٿيڻ، نقصان پهچڻ يا غير قانوني طور منتقل ڪرڻ جو فوري خطرو موجود آهي.
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداريءَ سان پيپلز پارٽي اڳواڻن جون ملاقاتون، مختلف معاملن تي بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ سان بلاول هائوس ڪراچيءَ ۾ ڪراچي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

زراعت جي ترقي، معاشي بهتري ۽ نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم ۾ صارفين کي قرضن جي فراهمي ۾ سهمي اختيار ڪندڙ بئنڪن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي وڃي

ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي حڪومتي قدمن تحت قرضن جي آسان فراهمي ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ بئنڪون ساراهه جي لائق آهن

انهي شعبي جي ترقي جي لاءِ بئنڪون اهميت رکندڙ آهن. بئنڪن پاران ترجيحي شعبن جي لاءِ قرضن جي فراهمي ۾ اڃا به تعاون جي اميد رکون ٿا

حڪومت پاران هائوسنگ، زراعت ۽ ايس ايم اي شعبن جي لاءِ رسڪ شيئرنگ ۽ ڪريڊٽ گارنٽي جا نظام پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار، هائوسنگ ۽ زراعت جي ترقي سان معيشت ۾ بهتري ۽ نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: پيپلز پارٽي جا اڳواڻ جاويد ناياب، عبدالقادر پٽيل ۽ سلمان عبدالله مراد چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهن

پاڪستان جي سوچ پارٽ جهڙي ناهي جو هر اندروني مسئلي کي ٻاهرين مسئلو قرار ڏنو وڃي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

ڪي پي ڪي ۾ دهشتگرديءَ جي سهولتڪارن مان هڪ نااهل ۽ لاتعلق حڪومت به هئي: ترجمان پاڪ فوج

دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ واضح حڪمت عملي موجود آهي. جنهن جو هڪ اهم حصو پاڪستان اندر دهشتگردن ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن جو خاتمو آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

دهشتگرديءَ جا ڪجهه اهڙا مسئلا به آهن، جن کي ملڪ اندر ئي حل ڪرڻو پوندو، خيبرپختونخوا ۾ ڪو به ماڻهو دهشتگرديءَ خلاف آپريشن جي مخالفت نٿو ڪري، مخالفت ڪندڙن جا دهشتگردن سان لاڳاپا آهن

خيبرپختونخوا ۾ ڪنهن وڏي فوجي آپريشن بدران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. سيڪيورٽي فورسز روزانو لڳ ڀڳ 200 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪن ٿيون

پاڪستان ۾ ٿيندڙ سموري دهشتگرديءَ جو نمبرون رڪيو افغانستان کي نٿو قرار ڏئي سگهجي. ها پر افغانستان اهو بنيادي مرڪز آهي، جتان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جون ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون

گذريل 20 سالن کان دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهڻ سبب پاڪستان وٽ اهڙو تجربو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي ملڪ يا فوج وٽ ناهي. دهشتگرديءَ سبب سڀ کان وڏيڪ تڪليفون خيبرپختونخوا جي ماڻهن ڀوڳيون آهن

دهشتگرد پنهنجن آقائن جي اشارن تي صوبي جي ترقي ۽ ترقياتي منصوبن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. بلوچستان ۾ دهشتگرد مائنڊسيٽ ايل پي جي ٽرڪن، اسڪولن ۽ استادن کي به نشانو بڻائين ٿا

بلوچستان جي اشرافيه عام ماڻهن کي غريب ۽ اڻ پڙهيل رکي پنهنجو اثر رسوخ برقرار رکڻ چاهي ٿي. اهي دهشتگرد ۽ اشرافيه بلوچ عوام کي غربت ۽ پسماندگيءَ ۾ رکڻ چاهين ٿا: پرڏيهي خبررساں اداري کي انٽرويو ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته دهشتگرديءَ جي سهولتڪارن مان هڪ خيبرپختونخوا جي نااهل ۽ لاتعلق حڪومت به هئي. جڏهن ته صوبي ۾ دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۾ رنڊڪون وجهندڙ هڪ سهولتڪار هاڻي اتي موجود ناهي. برطانوي خبررساں اداري رائٽرز کي 30 آڪٽوبر 2026ع تي ڏنل انٽرويو ۾ ڊي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان معاشي استحڪام جي مرحلي سان پائيدار ترقي طرف وڌي رهيو آهي: ناڻي وزير

ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت گهٽائڻ ۽ ماڻهن کي دستاويزي معيشت جو حصو بڻائڻ لاءِ مالياتي شعبي ۾ جدت آڻڻ جي ضرورت آهي

ڊجيٽل اثاثن کي ملڪي مالياتي نظام ۾ شامل ڪرڻ کان اڳ ان جا ٺوس معاشي فائدا ثابت ڪرڻا پوندا: وفاقي وزير محمد اورنگزيب

جديد ٽيڪنالاجي پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين طرفان ڏيهه موڪلي ويندڙ ناڻي جي وصوليءَ جي لاڳت گهٽ ڪري سگهي ٿي

پاڪستان جي ريگيوليٽري نظام کي مختلف ڊجيٽل شين وچ ۾ انهن جي فرق کي تسليم ڪندي ان سان لاڳاپيل معاشي سرگرمين کي به نظر ۾ رکڻو پوندو

لاهور (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ملڪي سطح تي ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت گهٽ ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن کي دستاويزي معيشت جو حصو بڻائڻ لاءِ مالياتي شعبي ۾ جدت آڻڻ جي ضرورت آهي، جڏهن ته ڊجيٽل اثاثن کي ملڪي مالياتي نظام ۾ شامل ڪرڻ کان اڳ ان جا
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان شنگهائي تعاون تنظيم جي بئنڪن جي ڪنسورشيم جي چيئرمين شپ سنڀالي ورتي

اهم ذميواري سنڀالڻ علائقائي واپار، سيڙپڪاري، مالياتي رابطن ۽ اقتصادي تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي وڌندڙ ڪردار جي عڪاسي قرار

پاڪستان ايس سي او جي ميمبر ملڪن ۾ اقتصادي ڀائيواري مضبوط بنائڻ سرحد پار واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ سهولت فراهم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهندو: ناڻي وزارت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي بئنڪن جي ڪنسورشيم (ايس سي او - آءِ بي سي) جي 2026-27ع لاءِ چيئرمين شپ سنڀالي ورتي آهي سلطان علي الانا ڪنسورشيم جي چيئرمين جون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن ناڻي واري وزارت موجب پاڪستان طرفان اها ذميواري اهڙي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيني وزير سان گڏ پاڪ چين لاڳاپن بابت ورڪشاپ کي خطاب ڪري رهيو آهي

يوٿ فورم فار ڪشمير جي 40 رڪني وفد پاران پرڏيهي آفيس جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) يوٿ فورم فار ڪشمير جي 40 رڪني وفد سومر ڏينهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

عدالتي نگران جي مقرري غير معمولي قدم، ان لاءِ ملڪيت کي نقصان يا زيان جو فوري خطرو ثابت ڪرڻ ضروري آهي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته تڪرار هيٺ ملڪيت جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صحت، تعليم ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: شرجيل ميمڻ

سرڪاري اسپتالن ۾ جديد مشينري، دوائن ۽ علاج جون سهولتون بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

دل، گردن ۽ ڪينسر جهڙين پيچيده بيمارين جي علاج لاءِ خاص طبي ادارا خدمتون فراهم ڪري رهيا آهن

سرڪاري اسڪولن ۾ سهولتون، مفت ڪتاب، وظيفا ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي فراهميءَ تي به ڪم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اوقاف کاتي ۾ مختلف ضلعن جي آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون، نوان مئنيجر مقرر

عبدالحميد سومرو مئنيجر کي نئين ڪرن چانڊيو نذير محمد خان ۽ ارسل الاهي بگٽي کي شاهه ٻنين ۾ مقرر

سيدل عذرا ظفر ويمسٽ ڪراچي ۽ رفيعه نور کي ايسٽ جي مئنيجر جون ذميواريون ڏنيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) محڪمه اوقاف، مذهبي معاملن زڪوات ۽ عشر سنڌ ۾ آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون ڪيون ويون
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ موبائل فونن جا آءِ ايم اي آءِ نمبر تبديل ڪندڙ 15 جوابدار گرفتار

ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس خواجه اجمير نگري، نيو ڪراچي، تيموريه ۽ گلبهار ۾ گڏيل ڪارروايون ڪيون

جوابدارن وٽان آءِ فونن سميت 435 موبائل فون، 5 ڪمپيوٽر ۽ 7 جديد ليپ ٽاپ هٿ ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس هڪ وڏي ڪارروائي ڪندي، چوري ٿيل يا ڦر ڪيل موبائيل فونن جي خريد و
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ يوٿ ڪارڊ جون تياريون مڪمل پهرئين مرحلي ۾ هڪ لک نوجوانن کي سهولتون ملنديون

صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ منصوبي جي افتتاح ۽ انتظامن جو جائزو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سنڌ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير شاهينه شير علي ابراهيم حيدري ۾ عورت تي تيزاب هارڻ واري واقعي جو نوٽيس ورتو، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران پاڪستان ۾ پهريون پيرو رنگ گريڊنگ ۾ جديد تربيت فراهم ڪرڻ جو اعلان

نوجوانن کي فلم، ڊراما ۽ ڊجيٽل مواد جي تياري ۾ پيشيوراڻيون صلاحيتون فراهم ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي هدايت

پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد گهرجن مُوجب هڪ موثر ۽ مالي طور تي پائيدار تربيتي ادارو بڻايو ويندو: وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ

پي ٽي وي ڊراما ۽ فلم اڪيڊمي جي بحالي، پي ٽي وي هوم جي ري وموپنگ لاءِ تربيتي پروگرامن، جديد فني سهولتن جو پڻ جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پي ٽي وي اڪيڊمي کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ هڪ جهڙائي رکندڙ تربيتي مرڪز بڻائڻ ۽ نوجوانن کي فلم ڊراما ۽ ڊجيٽل مواد جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: عالمي ثقافتي فيسٽيول ۾ رقاص ۽ رقاصائون ناچ ڪري رهيا آهن

ايڇ يو جي پاران باريجا پائرن جي نياڻين جي تذليل تي افسوس جو اظهار احتجاج جو فيصلو

ڪوٽڙي جي نوجوان دلشير برفت جي قتل ۽ صحافي باريجا پائرن مٿان داخل ڪيل ڪيسن جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل تي افسوس جو اظهار ڪندي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ کين انصاف مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي

ڪوٽڙي واقعي ڪانپوءِ باريجا پائرن جي گهرن تي ڪاهه ۽ نياڻين جي تذليل سميت گرفتارين تي سخت افسوس جو اظهار ڪيو ويو

سڄي صورتحال ۾ ايس ايس پي ڄامشورو مڪمل طور تي ذميوار آهي ۽ اهو پيپلز پارٽي جي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ونگار وهي رهيو آهي، اڳواڻ

پوليس ۽ ملڪ هائوس پاران ڌر بڻجڻ خلاف احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، ان کي سنڌ تائين پکيڙي بلاول هائوس ڪراچي/اسلام آباد پهچايو ويندو

دلشير برفت جي بيگناهه خون سميت تڪرار بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي عدالتي ڪميشن جوڙي وڃي، جيڪا واقعن بابت جاچ ڪري جوابدارن جو تعين ڪري


ان سڄي صورتحال بابت يونين جا مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون ۽ خالد کوکر 3 نومبر 2026ع تي اڱاري جي ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو اجلاس پي ايف يو جي جي مرڪزي سينيئر نائب صدر خالد کوکر جي صدارت هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ٿيو اجلاس ۾ پي ايف يو جي جي مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون خصوصي طور شرڪت ڪئي ان
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2


حيدرآباد: يونين آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي گڏجاڻي خالد کوکر جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

آباد پاران تعميراتي صنعت جي ڏيئي شعبن لاءِ ٽي ڏينهن واري نمائش لڳائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) پاران صنعت جي ڏيئي ليول صنعتن کي مضبوط
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: چين جي ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان آءِ ڊي سي پي سي جي وزير جي ملاقات

اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل ڀائيواري کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

پاڪستان جي قيادت پاران چين جي صدر شي جن پنگ جي لاءِ پڻ نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آبي گذرگاهن جو تحفظ گڏيل ذميواري آهي: سعودي ڊپٽي چيف آف اسٽاف

آبي گذرگاهن کي سياسي يا فوجي دٻاءُ جو ذريعو نه بڻجڻ گهرجي: فهد الغفيلي

منامه (اي پي پي) سعودي عرب جي ڊپٽي چيف آف اسٽاف وائيس ايڊمرل فهد الغفيلي اسٽريٽجڪ آبي گذرگاهن جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم شروع، 8 نومبر تائين جاري رهندي

ملڪ جي 97 چونڊيل ضلعن ۾ پنج سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويندا

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: وڏي وزير جي قيادت ۾ عالمي بئنڪ جي وفد سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن

حاجي عبدالرزاق پوري ميمڻ برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو: شرجيل ميمڻ

ٻاراڻي عمر ۾ شادين خلاف قانون تي عمل ناهي ٿي رهيو، حڪومت عملي قدم کڻي: علي خورشيدي

سيپا پاران صنعتي ماحولياتي نگرانيءَ جي نظام کي جديد ۽ خودڪار بڻائڻ جي ترتيب


اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

صدر آصف زرداري سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺي رهيو آهي: شرجيل ميمڻ

مختلف ضلعن ۾ جاري ترقياتي رٿائن ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جو پاڻ دورو ڪري معائنو ڪري رهيو آهي

صوبي ۾ روڊن، آبپاشي، صحت ۽ تعليم جا منصوبا صدرمملڪت جي خاص ڌيان جو مرڪز آهن

شهري ترقي بهتر انتظامي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ تي ڌيان ڏنو پيو وڃي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تعمير تي اڳڀرائي اطمينان جوڳي قرار

جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس پوري پاڪستان جي مريضن کي علاج جون جديد سهولتون فراهم ڪندو: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ اسلام آباد ۾ تعمير هيٺ عالمي معيار جي اسپتال، جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس بابت اجلاس ٿيو

جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس ۾ سمورنيون مقرريون ميرٽ تي شفاف طريقي سان ڪيون وينديون: شهباز شريف

نجي ادارن جون خدمتون ورتيون وڃن جيڪو عالمي سطح تي بهترين معيار جي علاج جي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تعمير تي اڳڀرائي کي اطمينان جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي ته هي ڪمپليڪس اسلام آباد سميت پوري پاڪستان خاص
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري ٺٽي ۽ سجاول جي نجي دوري بعد ٽنڊوالهيار ۾ بختاور ڀٽو زرداري هائوس پهچي ويو

صدر آصف علي زرداري صوبائي وزير علي حسن زرداري، عاشق زرداري سان گڏ ٻاءِ پاس روڊ سان ٽنڊوالهيار پهتو

صدر پاڪستان ڳوٺ دريا خان مري ۾ بختاور ڀٽو زرداري هائوس ۾ ڪجهه ڏينهن قيام ڪندو ۽ پنهنجي زرعي زمينن جو دورو پڻ ڪندو

ٽيلهه موري پهچڻ تي ضلع ڪائونسل جي وائيس چيئرمين دريا خان مري، رمضان مري، شهزاد مري مختلف برادرين سان گڏ گلن جي ورکا ڪري استقبال ڪيو

صدر جي آمد کان اڳ گذرگاهن وارن علائقن ۾ ضلع انتظاميه، صفائي ۽ ٽٽل روڊن جي مرمت ڪرائي، سيڪيورٽي هائي الرٽ ڪئي وئي

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) صدر پاڪستان آصف علي زرداري ٺٽي دوري تي ٽنڊوالهيار پهچي ويو صدر پاڪستان جو ٽيلهه موري پهچڻ تي مري برادري طرفان گلن جي ورکا ڪري استقبال ڪيو
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست راجستان ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 8 ڄڻا فوت

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اولهندي رياست راجستان ۾ هڪ ڳاڏي هائي وولٽيج
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2


سجاول: صدر آصف علي زرداري سجاول مان ٽنڊي الهيار ڏانهن روانو ٿي رهيو آهي

سنڌ ۾ عالمي بئنڪ جي 849 ارب ڊالرن جي ترقياتي رٿائن جو جائزو، رنڊڪون ختم ڪرڻ جو حڪم

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

پاڻي، ٽرانسپورٽ، صحت، آبپاشي، زراعت، تعليم ۽ ڪچري جي انتظام وارن منصوبن تي اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويو

وڏي وزير پاران لاڳاپيل کاتن کي رڪاوٽون ختم ڪري مقرر مدي اندر ڪم مڪمل ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽ: راغب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر محترمه بولورما
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست اترپرديش ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ 6 ڄڻا فوت، 2 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي رياست اترپرديش ۾ سومر جي صبح سوير هڪ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

صحافين خلاف ڌوهن ۾ ملوث جوابدارن کي سزا کان ڇوٽ قبول ناهي: بلاول ڀٽو زرداري

قلم ڌڻين کي ڌمڪين، تشدد، هراسان ۽ قتل کان بچائڻ رياست ۽ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي

سنڌ حڪومت صحافين ۽ ميڊيا ورڪرن جي تحفظ لاءِ قانون منظور ڪري ڪميشن قائم ڪئي آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ ٻن ڄڻن جا ڦاهو لڳل لاش هٿ آيا، مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ وڌيڪ 5 ڄڻا فوت

اورنگي ٽائون جي گلشن ضياءَ ۽ سائيٽ ايريا جي علائقن مان ٻن ڄڻن جا ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيا

سرجاني ٽائون ۾ نوجوان زبير زهريلي شيءِ کائڻ سبب فوت، اورنگي ٽائون ۾ ٽرالر ۾ نوجوان طلحا کي چيپاٽي ڇڏيو

شاهه فيصل ڪالونيءَ، يوسف ڳوٺ ۽ نيو ڪراچيءَ مان به ٽن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، واقعن بابت جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن ڪالهه سرجاني ٽائون سيڪٽر 4 بي بسم الله ٽائون ۾ واقع معراج بيڪري جي ويجهو گهر جي اندر
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڏياريءَ تي 10 نومبر تي اضافي موڪل ۽ هندو ملازمن کي اڳواٽ پگهارون ڏنيون وڃن: مهيش هاسيجا


ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر مهيش ڪمار هاسيجا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان فيڊريشن آهي پر بدنصيبي سان صوبن کي جائز حقن کان محروم رکيو ويو آهي: زين شاهه

ڪي پي ڪي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ نافذ ڪيو ويو ته اهو عمل پختون عوام جي بنيادي حق تي وار آهي، اسان مذمت ڪيون ٿا

صوبن کي ورهائڻ لاءِ مختلف نالا گهڙيا پيا وڃن، ڪڏهن نوان انتظامي يونٽ ته ڪڏهن ترقياتي رٿائون، پر سنڌ واسي انهن دشمنن کي رد ڪري ڏيکاريندا

پي پي پي اهي کيڏي به سهولتڪاري ڪري پر کين سمجهه اچي ويندي ته سنڌ ورهائڻ ۽ ساموندي ٻيٽ مختلف ڪمپنين کي ڏيڻ سولو ناهي

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي ترقي جي مخالف ناهي، پر ترقي جي نالي ۾ اگر زمين، ساموندي ٻيٽ يا وسيلن تي قبضو ڪيو ويو ته ان جي مخالفت ڪنداسين

عظيم باريجي مٿان ناڪلاڻي حملي، جهيڙي ۾ فوت ٿيل برفت واري واقعي ۽ سمير چانڊيو جي پوليس هٿان قتل جي عدالتي تحقيقات جي گهر ڪيون ٿا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار نه سهبو سيد زين شاهه پاڪستان هڪ فيڊريشن آهي پر بدنصيبي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2


لاڙڪاڻو: موهن جو دڙو گهمڻ لاءِ آيل پرڏيهي سياح

ڪمند جي ڪرشنگ ۽ امدادي قيمت بابت سفارشون سنڌ ڪابينا آڏو پيش ڪنداسين: محمد بخش مهر

شوگر ڪين ڪنٽرول بورڊ جي اجلاس ۾ آبادگارن کي درپيش مسئلن تي غور ويچار ڪيو ويو

ميمبرن اسيمبلي ميمبرن آبادگار تنظيمن ۽ زراعت کاتي جي عملدارن مختلف سفارشون پيش ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ شوگر ڪين ڪنٽرول بورڊ جو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حيسڪو ۽ سيپڪو جي ناقص ڪارڪردگيءَ جو بار عوام وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي: سکديو هيمناڻي

سنڌ ۾ ڏگهي لوڊشيڊنگ، لائين لاسز ۽ بلن جي ناقص وصوليءَ سبب عوام پريشان آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديو هيمناڻي چيو آهي ته سنڌ جا عوام وفاق جي ماتحت بجلي ورهائيندڙ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: سردار سنڌير خان ... تعزيت ڪري رهيو آهي

بقايا	1	روزاني عبرت

جي آءِ ايس پي آر چيو تہ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ واضح حڪمت عملي موجود آهي جنهن جو هڪ اهم حصو پاڪستان اندر دهشتگردن ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن جو خاتمو آهي هن چيو تہ دهشتگرديءَ جا ڪجهہ اهڙا مسئلا بہ آهن جن کي ملڪ اندر ئي حل ڪرڻو پوندو ڊي آءِ ايس پي آر موجب، خيبرپختونخوا ۾ ڪو بہ ماڻهو دهشتگرديءَ خلاف آپريشن جي مخالفت نٿو ڪري، جڏهن تہ آپريشن جي مخالفت ڪندڙن جا دهشتگردن سان لاڳاپا آهن ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو تہ خيبرپختونخوا ۾ ڪنهن وڏي فوجي آپريشن بدران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن سيڪيورٽي فورسز روزانو لڳ ڀڳ 200 انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪن ٿيون جن ۾ پوليس، فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ٻيا ادارا گڏجي حصو وٺن ٿا. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ پاڪستان جي سوچ پارٽ جهڙي ناهي، جو هر اندروني مسئلي کي ٻاهريون مسئلو قرار ڏنو وڃي.

بقايا	2	روزاني عبرت

طور تي خيبرپختونخواهہ آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي مريضن کي علاج جي لاءِ جديد ترين سهولتون فراهم ڪندي جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس ۾ سموريون مقرريون ميرٽ تي شفاف طريقي سان ڪيون وينديون سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ اسلام آباد ۾ تعمير هيٺ عالمي معيار جي اسپتال جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس تي جائزہ اجلاس منعقد ٿيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو تہ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اسلام آباد سميت پوري پاڪستان خاص طور تي خيبرپختونخواهہ آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي مريضن کي علاج جي لاءِ جديد ترين سهولتون فراهم ڪندو جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تعمير تي اڳيرائي اطمينان جوڳي آهي مقرر مدي ۾ هدف حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو تہ جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس ۾ سموريون مقرريون ميرٽ تي شفاف طريقي سان ڪيون وڃن.

بقايا	3	روزاني عبرت

رپورٽ موجب صدر پاڪستان آصف علي زرداري ٿلي ۽ سجاول کان پنهنجي نجي دوري بعد صوبائي وزير علي حسن زرداري،عاشق زرداري سان گڏ باءِ پاس روڊ سان ٽنڊوالهيار پهتو آهي،صدر جي آمد جي موقعي تي سنڌس گذرگاهن واري علائقي ۾ضلع انتظاميہ طرفان خاص صفائي ۽ ٽٽل روڊن جي مرمت ڪئي وئي ۽ سيڪورٽي هائي الرٽ پڻ ڪئي وئي

بقايا	4	روزاني عبرت

بجلي جي تار سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا فوت جڏهن تہ 2 ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيا پرڏيهي ميڊيا مطابق مقامي پوليس اهلڪار واقعي جي تصديق ڪندي ٻڌايو آهي تہ حادثو رياست جي ضلعي جهنجهنو ۾ پيش آيو

بقايا	5	روزاني عبرت

ڪميٽي جي عالمي شعبي (آءِ ڊي سي پي سي) جي وزير ليو هائي شينگ ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ هر موسم ۾ آزمايل اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل حصيداري کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران چيني وزير ليو هائي شينگ چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي پاران نيڪ خواهشن جو پيغام پهچايو جنهن تي نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار گرمجوشي سان جواب ڏنو

بقايا	6	روزاني عبرت

تحفظ لاءِ مضبوط عالمي تعاون تي زور ڏيندي خبردار ڪيو آهي تہ آبي گذرگاهن کي سياسي يا فوجي دٻاءُ جو ذريعو نہ بڻجڻ گهرجي. پرڏيهي ميڊيا موجب هن گڏيل ڏينهن بحرين ۾ منامہ ڊائيلاگ فورم کي خطاب ڪندي سامونڊي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ بهتر اجتماعي رد عمل جي ضرورت تي زور ڀريو ۽ چيو تہ آبي گذرگاهن جو تحفظ هڪ گڏيل عالمي ذميواري آهي هن چيو تہ ميري ٽائيم سيڪيورٽي ڪنهن هڪ ملڪ جي ذميواري ناهي

بقايا	7	روزاني عبرت

پوليو جي خاتمي واري مهم شروع ٿي وئي آهي جيڪا 8 نومبر تائين جاري رهندي. نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر (اين اي او سي) موجب مهم دوران ملڪ جي 97 چونڊيل ضلعن ۾ پنج سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارايا ويندا. اين اي او سي موجب مهم دوران 2 لک کان وڌيڪ تربيت يافتہ فرنٽ لائن ورڪرز گهر گهر وڃي پوليو ويڪسين پيارينداٰ ان مهم تحت پنج سالن کان گهٽ عمر جي اٽڪل 2 ڪروڙ 40 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا	8	روزاني عبرت

امڪاباڙار سومر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اعليٰ سطحي پورٽ فوليو جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ صوبي اندر عالمي بينڪ جي مالي سهڪار سان هلندڙ ترقياتي منصوبن جي عملدرآمد جي صورتحال، مالي اڳڀرائي، خريداري جي سرگرمين ۽ درپيش چيلينجز جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ 12 سرگرم آپريشنز جو جائزو ورتو ويو جن ۾ 11 انويسٽمينٽ پروجيڪٽ فنانسنگ منصوبا ۽ هڪ پروگرام فار ريزلٽس آپريشن شامل آهن جن جي گڏيل سيڙپڪاري 3.849 ارب ڊالر آهي. ان رقم مان 2.334 ارب ڊالر جاري ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ 1.571 ارب ڊالر اڃا جاري ناهن ٿيا. شريڪ اڳواڻن منصوبن جي مالي ۽ پروڪيورمينٽ ڪارڪردگي جو پڻ جائزو ورتو جنهن ۾ سال 2026-27 لاءِ 381.2 ملين ڊالرن جو فنڊ جاري ڪرڻ جو هدف شامل هو جنهن کي وڌائي 434.2 ملين ڊالرن تائين پهچائڻ جو وڏو هدف رکيو ويو هو جڏهن تہ هيستائين عملي طور تي 43.2 ملين ڊالر جاري ڪيا ويا آهن. وڏي وزير مراد علي شاهہ پنهنجي حڪومت جي ان عزم کي ورجايو تہ هو عالمي بينڪ سان گڏجي ويجهڙائي سان ڪم ڪندي منصوبن تي عملدرآمد کي تيز ڪندا، انتظامي ۽ مالي رڪاوٽن کي ختم ڪندا ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندا تہ ترقياتي سيڙپڪاري عوامي خدمتن جي بهتري ۾ تبديل ٿئي. هن زور ڏنو تہ لاڳاپيل کاتن ۽ منصوبي جي ٽيمن کي بدل معاملن جي ذميواري کڻڻي پوندي

بقايا	9	روزاني عبرت

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ صحافين خلاف ڏوهن جي خاتمي ۽ ڪيس انصاف فراهم ڪرڻ واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغامن ۾ چيو آهي تہ صحافين خلاف تشدد، ڌمڪيون، هراسان ڪرڻ ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن کي سزا کان ڇوٽ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي، صحافين جو تحفظ جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ اظهار جي آزاديءَ لاءِ لازمي آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ صحافين کي ڌمڪيون، تشدد، هراسان ڪرڻ ۽ قتل جهڙن سنگين ڏوهن کان محفوظ رکڻ رياست ۽ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي صحافين خلاف ڏوهن تي خاموشي اختيار ڪرڻ سچ ۽ انصاف جو آواز دٻائڻ برابر آهي

بقايا	10	روزاني عبرت

ڪار سامهون کان ايندڙ گاڏي سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق مقامي پوليس ٻڌايو تہ حادثو رياست جي ضلعي ڪشي نگر ۾ پيش آيو متاثر پنهنجي هڪ مائٽ جي گهر شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪائيءَ واپس وڃي رهيا هئا. حادثي ۾ زخمي 12 ۽ 17 ورهين جي ٻن ڇوڪرن کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا	11	روزاني عبرت

زهريلي شيءِ کائڻ جي نتيجي ۾ 22 سالن جو نوجوان زبير ولد عمر حيات فوت ٿي ويو آهي. اورنگي ٽائون جي علائقي گلشن ضياءُ الطاف نگر بهاشاني پمپ جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل 28 سالن جي راشد پٽ يوسف جو لاش مليو آهي.اورنگي ٽائون سيڪٽر 15 بنگلا بازار جي ويجهو تيز رفتار ٽريلر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 25 سالن جو طلحا ولد محمد يونس فوت ٿي ويو آهي. سائٽ ايريا حبيب بئنڪ ڪوسٽل ڪالوني جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل 40 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو.

بقايا	12	روزاني عبرت

پاران ڏياري جي موقعي تي 10 نومبر تي تعليمي ادارن ۾ اضافي موڪل ڏيڻ ۽ هندو سرڪاري ملازمن توڙي پينشنرن کي پگهارون ۽ پينشن اڳواٽ ادا ڪرڻ لاءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي خط ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر مهيش ڪمار هاسيجا وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي خط لکي مطالبو ڪيو آهي تہ ڏياري جي موقعي تي 10 نومبر تي تعليمي ادارن ۾ اضافي موڪل ڏني وڃي. جيئن هندو شاگرد پنهنجي خاندانن سان گڏ مذهبي ڏڻ ملهائي سگهن خط ۾ مهيش ڪمار هاسيجا چيو آهي تہ هلندڙ سال ڏياري 8 نومبر آچر تي ملهائي ويندي.

بقايا	13	روزاني عبرت

سان ملڪ ۾ شامل صوبن کي پنهنجي جائز حقن کان محروم رکيو ويو آهي جنهن جو مثال تازو ڪي پي ڪي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ نافذ ڪيو ويو ان جي اسان مذمت ڪيون ٿا. اهو عمل پختون عوام جي بنيادي حق تي وار آهي سيد زين شاهہ وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ صوبن کي ورهائڻ لاءِ مختلف نالا گهڙيا پيا وڃن ڪڏهن نوان انتظامي يونٽ تہ ڪڏهن ترقياتي رٿائن جي نالي ۾ مختلف صوبن جي ورهائڻ جي ڪوشش پيا ڪن پر سنڌ ۾ سنڌ واسي انهن دشمنن رٿائن کي رد ڪري ڏيکاريندي

بقايا	14	روزاني عبرت

اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ ڪمند جي ڪرشنگ سيزن جي شروعات ۽ آبادگارن کي درپيش مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ شوگر ڪين ڪنٽرول بورڊ جي ميمبرن ۽ اسيمبلي ميمبرن سهراب سرڪي، ضياءُ عباس شاهہ زراعت واري سيڪريٽري محمد زمان ناريجو سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي محمود نواز شاهہ سنڌ چيمبر آف اڳريڪلچر جي زاهد ڀرڳڙي، نبي بخش سٺيو ۽ ممتاز علي شاهہ پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ڪمند جي ڪرشنگ ۽ في مڻ امدادي قيمت جي حوالي سان شوگر ڪين ڪنٽرول بورڊ جي ميمبرن پاران مختلف سفارشون پيش ڪيون ويون

بقايا	15	روزاني عبرت

ڪمپنين جي ناڪامين جو بار وڌيڪ برداشت نٿا ڪري سگهن حيسڪو ۽ سيپڪو جي ناقص ڪارڪردگي بجليءَ جي ڊگهي لوڊشيڊنگ، لائين لاسز ۽ بلن جي وصوليءَ ۾ ناڪامين سبب عوام سخت پريشان آهي جڏهن تہ صوبي ۾ ترقياتي منصوبا پڻ متاثر ٿي رهيا آهن جاري ڪيل بيان ۾ سڪديو هيمناڻي چيو تہ سنڌ حڪومت جي بار بار مداخلت، سنڌ اسيمبليءَ جي قراردادن ۽ بجليءَ جي ريگيوليٽري اداري جي نشاندهي باوجود عوام آخر ڪيتري عرصي تائين انهن ادارن جي ناڪامين جو نتيجو ڀوڳيندو رهندو؟ هن نيپرا جي مالي سال 2024-25ع واري ڪارڪردگي رپورٽ جو حوالو ڏيندي چيو تہ حيسڪو جا لائين لاسز لڳ ڀڳ 28 سيڪڙو جڏهن تہ سيپڪو جا 40 سيڪڙو تائين پهچي ويا آهن ٻنهي ڪمپنين ۾ بلن جي وصوليءَ جي شرح پڻ ترتيبوار رڳو 74.80 ۽ 74.20 سيڪڙو رهي هن موجب مقرر حد کان وڌيڪ لائين لاسز سبب ٻنهي ڪمپنين کي هڪ ئي سال ۾ مجموعي طور 63 ارب رپين کان وڌيڪ مالي نقصان ٿيو.

بقايا	16	روزاني عبرت

عوامي ڀلائي ۽ بهبود جي منصوبن جو جائزو وٺي رهيو آهي صدر مملڪت آصف علي زرداري روڊ رستي دوري دوران مختلف ترقياتي منصوبن جو پاڻ معائنو ڪري رهيو آهي هڪ بيان ۾ سينيٽر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ روڊن آبپاشي صحت ۽ تعليم جا منصوبا صدر مملڪت آصف علي زرداري جي خاص ڌيان جو مرڪز آهن لاڳاپيل وزير ۽ آختياريون صدر مملڪت کي جاري ترقياتي رٿائن ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت بريفنگ ڏئي رهيا آهن هن چيو تہ دوري دوران صدر مملڪت ترقياتي رٿائن تي ڪم ۾ تيزي آڻڻ ۽ عوامي

عام اطلاع

هرخاص ۽ عام کي آگاهہ ڪيو وڃي ٿو تہ منهنجو مؤڪل، مشهور بلڊر ۽ ڊولپر ميسرز چپل بلڊرز، جن جو آفيس پلاٽ نمبر G_19/2، بلاڪ 9، خيابانِ جامي، ڪلفٽن، ڪراچي ۾ آهي، ميسرز حيات ايسوسيئيٽس پاران ان جي پارٽنر جناب نصرت حيات خان ولد محمد حيات خان سان گڏ، مين جناح ايونيو روڊ جي سامهون واقع ديهہ دوزان، تپو گجرو، گلزارِ هجري، ضلعي ڪراچي ۾ سروي نمبر 99/1 (02-25-40) ايڪڙن مان 2500 چورس گز خالي ڪمرشل زمين بابت گڏيل ڀائيواري (جوائنٽ وينچر) جو معاهدو ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ڄاڻايل زمين هر قسم جي چارجز، بار، رهڻي، دعويٰ جي حقن، قانوني پابندين، تڪرارن، واجبات، فوري ۽ مؤخر واجب الادا رقمن ۽ قرضن کان مڪمل طور پاڪ آهي، ۽ خالي ۽ حقيقي قبضي سان حاصل ٿيل ٻڌايو ويو آهي، جنهن تي شاپنگ مال ۽ گهڻ منزلا رهائشي ۽ تجارتي عمارت تعمير ۽ ترقي ڪرڻ جو ارادو آهي. تنهنڪري ڪو بہ شخص، پاڙيسري، علائقي جو رهواسي، بئنڪ، مالياتي اداري، اٿارٽي، ڪاتو، ايجنٽ، ايجنسي، مختيارڪار، تحصيلدار، نائب تحصيلدار، قانونگو، ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي سي او، ڪي ڊي اي، ايس بي سي اي، ڪاتو اراضي، ملٽري ليندز اينڊ ڪينٽونمينٽس ڊپارٽمينٽ، ڪينٽونمينٽ بورڊ ڪلفٽن، ڪاتو مال، بورڊ آف روينيو يا ڪو بہ لاڳاپيل فرد يا اداري، جيڪڏهن ڄاڻايل زمين ۾ ڪنهن بہ قسم جو دعويٰ، حق، ملڪيت، مفاد، رهڻي، ضمانت، سيڪيورٽي، حصو، تڪرار، مطالبو يا ڪنهن بہ قسم جا واجبات رکندو هجي، تہ هن عام اطلاع جي اشاعت کان ست (7) ڏينهن اندر پنهنجي دعويٰ يا اعتراض بابت لکيل اطلاع، مستند دستاويزي ثبوتن سان گڏ، رجسٽرڊ ٽپال (اي ڊي) ۽ ڪوريئر ذريعي هيٺ صحيح ڪندڙ ڏانهن موڪلي. ٻي صورت ۾ منهنجي مؤڪل کي ڄاڻايل ملڪيت بابت مجاز جوائنٽ وينچر معاهدو ڪرڻ جو قانوني حق حاصل هوندو ۽ ڪنهن بہ شخص جو دعويٰ، جيڪڏهن ڪو هوندو، ترڪ ٿيل تصور ڪيو ويندو، جڏهن تہ مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ لائق نہ هوندو.

حيدر رضا آرائين
ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ
آفيس: سوٽ نمبر 312، ٽين ماڙ، پيراڊائيز چيمبرز، لڳ پاسپورٽ آفيس، صدر، ڪراچي.
فون: 021-35845527 موبائل نمبر: 0333-7024091

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
سنڌ گورنمينٽ اسپتال قاسم آباد حيدرآباد

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سنڌ گورنمينٽ اسپتال قاسم آباد حيدرآباد کي ايف بي آر / ايس آر بي (جيڪو بہ لاڳو ٿئي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي لسٽ ۾ شامل سپلائرز / فرمن / ٺاهيندڙن / درآمد ڪندڙن / مجاز ڊسٽريبيوٽرن کان اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي طبي سامان، مشينري، اوزار، فرنيچر / فڪسچر جي فراهمي لاءِ اي ڊي پي اسڪيم نمبر 879 ۽ ايس اين اي 2026-2027 تحت اي-آڇون گهربل آهن.

سيريل نمبر	اي ڊي پي نمبر	اسڪيم جو نالو
01	879	(گورنمينٽ اسپتال قاسم آباد جي مضبوطي ۽ بهتري)
سيريل نمبر	ايس اين اي	اسڪيم جو نالو
01	2026-27	طبي سامان، مشينري، طبي ڊيوائسز، اوزار، فرنيچر / فڪسچر ۽ ٻين شين جي خريداري.

مالي سال 2026-27 ۽ 2027-28 لاءِ ضابطي (2)46 هڪ مرحلي تي ٻہ لفافي طريقيڪار تحت. تفصيلي شرط ۽ ضابطن تي مشتمل واڪ دستاويز /https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان ڏسي / ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ آڇون فقط EPADS ذريعي جمع ڪرايون وڃن. دستي آڇ وصول نہ ڪئي ويندي. خواهشمند واڪ ڏيندڙ اي-آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ EPAD سسٽم تي هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي پاڻ کي رجسٽر ڪرائين.

واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل آڇون 30-11-2026 تي صبح 11:00 وڳي تائين EPADS تي جمع ڪرايون وڃن. ٽينڊر فيس جو اصل انسٽرومينٽ رقم -/3000 روپيا ۽ ڪوٽ ڪيل شين اڳيان درج مقرر بڊ سيڪيورٽي، اي-آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي کي پهچڻ گهرجي. اي-آڇون ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي فاطمہ انجنيئر آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU)، ڪراچي جي پتي تي کوليون وينديون.

نوٽ:-

- اي-آڇن بابت ڪو بہ سوال ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سنڌ گورنمينٽ اسپتال قاسم آباد حيدرآباد جي نمبر 0333-2606348 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو
- جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي يا ڪنهن اڻٽيندڙ حالتن جي صورت ۾ ٽينڊر / آڇون اينڊڙ ڪم واري ڏينهن، ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي وقت تي جمع ڪرايون ۽ کوليون وينديون.
- خريدار SPP رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن بہ / سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
- ڪنهن بہ ڏکيائي جي صورت ۾ ممڪن واڪ ڏيندڙ ڪم جي ڏينهن / ڪلاڪن دوران EPADS هيلپ لائن 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
سنڌ گورنمينٽ اسپتال
قاسم آباد، حيدرآباد

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF-KRY/4876/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
وچوٿيون نه، ويجھڙائي گھرجي!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
سچڻ توکي خبر کھڙي
صفحو 4

تڪر
ڪارلسن جي دعوي ۽ آمريڪي وچ
سليم ٽالپر
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اچوڪو ڏينهن —— 03 نومبر
صفحو 4

کچي، سومرڪي ۽ ڪوڪر شاخ پاڻي جي هڙتاو ڪوٽ خلاف ڪميٽي ميمبرن ۽ ٽيل جي آبادگارن جو ڪٺ

سردار شهزاد بشير احمد هاليپوٽو جي صدارت هيٺ ڪميٽي جي ميمبرن ۽ ٽيل جي آبادگارن جو متفق راءِ سان فيصلو

وڏن زميندارن ڪي ايس ڊي او سلطان ناراڻي پاڻي وکرو ڪري ڏنو آهي جنهن جا ثبوت موجود آهن: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو ۽ SDO سلطان ناراڻي کي معطل ڪرائڻ لاءِ تمام جلد ڌرڻي جو اعلان ڪنداسين

منگھوپير ۾ انسدادِ پوليو جي ايس اين آءِ ڊي (SNID) مهم جو باقاعده افتتاح

ٻارن کي سڄي عمر جي معذوري کان بچائڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: حاجي نواز علي

مهم ۾ حڪومت، انتظاميا، صحت کاتي ۽ عوام کي گڏيل طور پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

هالا ۾ سامي فائونڊيشن، ڪنسرن ورلڊ وائيڊ ۽ انوائيرون ايسوسيئيٽ طرفان مشاورتي ورڪشاپ

قدرتي آفتن کي مڪمل طور روڪڻ ممڪن نه آهي، پر اڳواٽ منصوبابندي نقصان گھٽائي سگھجي ٿو: مقررين

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ مقامي سطح تي تياريون ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

عوامي آگاهي سان ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ قيمتي انساني زندگين ۽ ملڪيت کي محفوظ بڻائي سگھجي ٿو

مهراڻ ۾ ٻن ڏينهن واري ٻهرين عالمي ڪانفرنس سياٽي ٿيندي

ورڪشاپ، پوسٽر مقابلا، مذاڪرات جون ويهڪون ۽ تحقيقي مقالا پيش ڪيا ويندا

ڪانفرنس ۾ ادب ۽ لسانيات جي دنيا جون نامور شخصيتون شرڪت ڪري رهيون آهن: پدرائي

ميهڙ ۾ شهري اتحاد جي احتجاجي تحريڪ 51 هين ڏينهن به جاري

صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

عوام کي صاف پاڻي ۽ بهتر شهري سهولتون ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن: اڳواڻ



ميهڙ: صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

خيرپور صحافي اتحاد جي چيئرمين جي اي سي سان ملاقات

چاچا شاهد علي ميمڻ ۽ ساجد علي ميمڻ گھر تي قبضو ڪيو آهي: عاصمه ميمڻ

گھر جي مالڪي گھرڻ تي اسان ڀيڻن ۽ ڀائرن کي تشدد جو نشانو بڻائي ذليل ڪئي وئي

مامري جي منصفاڻي جاچ ڪرائي اسان کي اسان جو حق ڏياري تحفظ ڏنو وڃي

سينئر صحافي خالد حيدر ٻبر ۽ وڪيل امير حيدر ٻبر سان والد جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

مسو ڀرڳڙي ۾ واپڊا مئيياري جي ايس ڊي او خلاف مظاهرو

دادلغاري پرسان ڳوٺ گامڻ خشڪ جي رهواسڻ جو احتجاج

نعمت خشڪ جي در ڊري ڌانهن اجا تائين اعليٰ اختيارين تائين نه پهچي سگهي

معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: نعمت خشڪ

دادلغاري (ن ع) دادلغاري پرسان ڳوٺ گامڻ خشڪ جي رهواسڻ مظلوم نياڻي نعمت خشڪ جي در ڊري ڌانهن اجا تائين اعليٰ اختيارين تائين نه پهچي سگهي آهي. معاملي مطابق ... خشڪ ۽ سندس مڙس شهباز خشڪ مسر ڏمرجي پيا آهن جنهن سبب اسان گھرڀاتي خوف ۽ پريشاني واري صورتحال ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. متاثر نياڻي کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ايس ايڇ او دادلغاري طرفان هن وقت تائين ڪا اڻارتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي جنهن سبب متاثر خاندان پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيو آهي. متاثر عورت نعمت خشڪ پنهنجي ماءُ مائي هاجاڻي پاءُ سيف الله خشڪ سميت سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گھوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ الزام هيٺ آيل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.



دادلغاري: ڳوٺ گامڻ خشڪ جي رهواسڻ جو احتجاج

03/11/2026
Karachi Diplomatic & Social Roundup Page
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT روزاني عبرت 63 Year

Dewan Muhammad Yousuf Farooqui Hosts Dinner in Honour of Heads of Islamic Universities

Chairman of Yousuf Dewan Companies, Dewan Muhammad Yousuf Farooqui, hosted a distinguished dinner at his residence in honour of prominent chancellors, university leaders, renowned scholars and members of delegations from across the Islamic world visiting Karachi for an international summit of university leaders. The gathering brought together prominent figures from the education sector, diplomatic community and business fraternity, with a large number of distinguished guests attending the evening. Among the notable personalities associated with the summit were Mufti Abdul Raheem, Chancellor of Al-Ghazali University; Professor Dr Mahmoud El-Seddik, President of Al-Azhar University, Egypt; Professor Dr Sami Al-Sharif, Secretary-General of the League of Islamic Universities; and Professor Dr Abdul Fattah Al-Bizm, Grand Mufti of Damascus. Professor Dr Ahmed Saad Al-Ahmad, President of the International Islamic University Islamabad, was also among the prominent academic figures associated with the gathering. The dinner was held in connection with the international summit of university leaders organised in Karachi on October 11–12, 2026, which brought together representatives of universities from 34 countries. The summit provided an important platform for strengthening academic cooperation, promoting research, encouraging knowledge exchange and developing institutional partnerships among universities in the Muslim world. The presence of distinguished academics, diplomatic representatives and leading members of the business community highlighted the importance of building stronger links between education, commerce and international cooperation. The evening also provided an opportunity for the visiting dignitaries and local guests to interact in a cordial setting, exchange views and explore avenues for closer collaboration in education, business and cultural relations. The gathering reflected Karachi's role as a meeting point for academic leadership, diplomatic engagement and business networking, bringing together distinguished personalities from diverse professional backgrounds under one roof.









Sri Lanka Expo 2027: Pakistani Business Community Invited to Explore Trade Opportunities

KARACHI: The Consulate General of Sri Lanka in Karachi organised a media briefing and awareness session to promote Sri Lanka Expo 2027, scheduled to be held in Colombo from January 14 to 17, 2027.

Consul General of Sri Lanka in Karachi, Sanjeewa Pattiwila, briefed media representatives and participants about the exhibition's objectives and its potential to enhance trade and investment cooperation between Pakistan and Sri Lanka. A representative of SriLankan Airlines also shared information about travel facilities for visitors attending the event.

Organised by the Sri Lanka Export Development Board, the four-day exhibition will take place at the Bandaranaike Memorial International Conference Hall (BMICH), Colombo. It will showcase a wide range of products and services, including textiles, tea, spices, food, pharmaceuticals, gems and jewellery, rubber products, industrial goods and information technology.

The exhibition will also provide opportunities for business-to-business (B2B) meetings, investment discussions and networking between Sri Lankan exporters and international buyers.

The Consul General encouraged Pakistani traders, importers, investors and business representatives to participate in the event and explore new business partnerships, sourcing opportunities and avenues for bilateral trade.

Interested participants can obtain further information and registration details through the official website: www.srilankaexpo.lk.










The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آڱارو 03 نومبر 2026ع

وچوٽيون نه، ويجهڙائي گهرجي!

پاڪستان هن وقت جن سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن مان گذري رهيو آهي، تن ۾ ملڪ کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت محبت، سهپ، ڀائيچاري ۽ قومي ايڪي جي آهي. مهانگائي، بيروزگاري، بدامني، دهشتگردي، سياسي ڇڪتاڻ ۽ عوام جي وڌندڙ پريشانين اڳ ئي ماڻهن جي زندگين کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن اسان هڪ ٻئي خلاف نفرتون وڌائينداسين، ٻولين ۽ قومن جي بنياد تي ماڻهن کي ورهائينداسين ۽ سياسي اختلافن کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪنداسين ته ملڪ جا مسئلا گهٽجڻ بدران وڌيڪ وڌندا. وقت جي گهرج اها آهي ته هڪ ٻئي کان پري ٿيڻ بدران ويجهو اچون، اختلافن باوجود هڪ ٻئي جو احترام ڪريون ۽ پاڪستان جي گڏيل مستقبل لاءِ گڏجي سوچيون. ڇو ته ڪنهن به ملڪ جي طاقت وسيلن يا معاشي سگهه ۾ نه هوندي آهي پر ان جي ماڻهن جي پاڻ ۾ محبت، اعتماد ۽ اتحاد ۾ هوندي آهي. جڏهن ڪنهن ملڪ جا ماڻهو هڪ ٻئي کي پنهنجو سمجهن ٿا، هڪ ٻئي جي ڏکن ۽ تڪليفن کي محسوس ڪن ٿا ۽ گڏيل مسئلن جي حل لاءِ گڏ ٿين ٿا ته وڏين وڏين مشڪلاتن کي به منهن ڏئي سگهن ٿا. ان جي ابتڙ جڏهن سماج ۾ نفرتون، شڪ، تعصب ۽ ورهاستون وڌن ٿيون ته دشمن قوتن کي به پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا. تنهنڪري پاڪستان جي موجوده حالتن ۾ قومي ايڪي ۽ سماجي هم آهنگيءَ جي اهميت اڳي کان وڌيڪ وڌي وئي آهي. بدقسمتيءَ سان اسان جي سماج ۾ سياسي اختلافن سان گڏ لساني ۽ نسلي بنيادن تي به هڪ ٻئي خلاف نفرت پکيڙڻ جا لاڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهڙي سوچ نه رڳو سماج جي گڏيل سڃاڻپ کي نقصان پهچائي ٿي، پر انهن ماڻهن جي وچ ۾ به وچوٽيون پيدا ڪري ٿي، جيڪي ڏهاڪن کان گڏ رهن ٿا، گڏ ڪم ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي خوشين ۽ ڏکن ۾ شريڪ ٿين ٿا.

سنڌ جي تاريخ محبت، رواداري، امن ۽ انسان دوستيءَ جي پيغام سان ڀريل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري انسانن کي پاڻ ۾ محبت ڪرڻ، ڏکين حالتن ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ ۽ انسانيت کي اهميت ڏيڻ جو سبق ڏئي ٿي. سنڌ جي صوفي روايت به نفرت ۽ تعصب بدران محبت ۽ ڀائيچاري جي واٽ ڏيکاري ٿي. سنڌ جي اُنهن روايتن کي اڳيان وڌائيندي نفرتن آڏو بند ٻڌڻ گهرجن ۽ اُنهن ماڻهن کان پُڇاڻو ڪرڻ گهرجي، جيڪي عوام ۾ ويڇا وڌائڻ لاءِ ٻج ڇٽي رهيا آهن. حڪومت جي ذميواري آهي ته ملڪ جي سڀني شهرين سان برابريءَ وارو ورتاءُ ڪري، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائي ۽ هر علائقي جي جائز مسئلن کي سنجيدگيءَ سان حل ڪري. جڏهن ماڻهن کي انصاف، روزگار، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتون ملنديون آهن ته انهن جو رياست ۽ سماج تي اعتماد وڌندو آهي. محرومين کي نظرانداز ڪرڻ، ماڻهن جي جائز شڪايتن کي اهميت نه ڏيڻ ۽ ڪنهن علائقي سان امتيازي ورتاءُ ڪرڻ سان بي اعتمادي وڌي سگهي ٿي. اسان کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته ملڪ جا عام ماڻهو ڀلي ڪنهن به علائقي سان تعلق رکندا هجن، ڪيترن ئي گڏيل مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. مهانگائي هر گهر جي بجيٽ کي متاثر ڪري ٿي، بيروزگاري نوجوانن جي مستقبل کي غيريقيني بڻائي ٿي، جڏهن ته بدامني ۽ دهشتگرديءَ جا نتيجا سڄي سماج کي ڀوڳڻا پون ٿا. اهڙين حالتن ۾ ماڻهن کي هڪ ٻئي خلاف ڀڙڪائڻ بدران گڏيل مسئلن جي حل لاءِ متحد ڪرڻ گهرجي. اسان جي ٻولي، علائقي يا سياسي سوچ ۾ فرق ٿي سگهي ٿو پر امن، خوشحالي، انصاف ۽ محفوظ مستقبل جي خواهش اسان سڀني جي گڏيل خواهش آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان نفرت جي ٻوليءَ بدران محبت جي ٻولي ڳالهايون. هڪ ٻئي کي ڌار ڪرڻ بدران ويجهو آڻيون ۽ لساني تعصب بدران قومي اتحاد کي هٿي ڏيون. اسڪولن، ڪاليجن، ميڊيا، سياسي جماعتن ۽ سماجي ادارن کي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي، جتي اختلافن کي دشمني نه، پر سکڻ ۽ سمجهڻ جو ذريعو سمجهيو وڃي. اڄ ملڪ کي نفرتن جي نه پر محبتن جي، وچوٽين جي نه پر ويجهڙائيءَ جي ۽ لساني ورهاست جي نه پر ايڪي، اتحاد ۽ ڀائيچاري جي ضرورت آهي. ملڪ جي روشن مستقبل لاءِ اسان سڀني کي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سڄڻ توکي خبر کهڙي


مير اعظم علي ٽالپر

اڄڪلهه يورپ ۽ سڀني سڌريل ملڪن ۾ بيروزگاريءَ ۽ مهانگائيءَ سبب احتجاج جو سلسلو تاحال جيئن جو تيئن جاري آهي خاص ڪري فرانس جهڙو ملڪ هنگامن ۽ مظاهرن جي لپيٽ جي وَر چڙهيل آهي ۽ فرانس جي يادگار تاريخي ايفلا ٽاور هيٺان سخت احتجاجي مظاهرا هلندڙ آهن ياد رهي ته هن ايفلا ٽاور هيٺان راقم جو عزيز مير اقبال ٽالپر به پيرا چڪر لڳائي آيو آهي ۽ هاڻ ٽيون دفعو جنوري 2027ع ۾ مير اقبال ٽالپر فرانس گهمڻ ويندو ۽ هڪ دفعو ٻيهر هن يادگار ايفلا ٽاور جو سير ڪندو جتي هن وقت احتجاج آهي احتجاج ۽ مظاهرن جي ڳالهه ڪجي ته پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ موجوده سرڪار ۽ مودي خلاف ووٽ چوري ڪرڻ خلاف ڪانگريس ۽ آن جو انڊيا اتحاد سخت احتجاج ڪري رهيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ٻهرين نومبر آچر ڏينهن دهليءَ جي رام ليلا ميدان تي هڪ تمام وڏو جلسو اپوزيشن پاران ڪيو ويو، اُن جلسي ۾ سمورا مخالف اڳواڻ شامل هئا، ۾ 'آپ' (عام آدمي پارٽي) جو اڳواڻ ۽ دهليءَ جو اڳوڻو وزيراعليٰ اروند ڪيجروال، تونڙي مسلمانن جو پاڻ کي خاص همدرد سڏرائيندڙ ۽ بي جي پي جو وڏو مخالف هئڻ جي دعويٰ ڪندڙ اسد الدين اويسي موجود نه هئا، جلسي ۾ راهول گانڌي، ممتا بينرجي، اکليش يادو ۽ لالو پرشاد يادو جي پٽ تيجسوي يادو سميت ٻين اڳواڻن اليڪشن ڪمشنر کي مودي جو سهولتڪار قرار ڏيندي زبردست تقريرون ڪيون جنهن 13 ڪروڙ ووٽرن جا نالا خارج ڪيا، جيڪي تعداد ۾ لڳ ڀڳ جاپان جي آباديءَ جيترا آهن ۽ جن جا نالا بوگس ووٽرن طور درج ڪيا ويا آهن مخالف ڌر جا اڳواڻ اليڪشن ڪمشنر جو طوطي جهڙو بوتو به ميدان ۾ ڪڍي آيا هئا، جڏهن ته رام ليلا ميدان ۾ ٻن ميلن تائين ڏگهو بينر پڻ آندو ويو هو جنهن تي خارج ووٽرن جا نالا ۽ تڪ لکيل هئا، مظاهرو سعادت حسن منٽو برج کان دهلي دربار تائين طويل هو پارليامينٽ ۾ اليڪشن ڪمشنر کي هٽائڻ لاءِ نمبر مخالف ڌر وٽ نه آهن پر احتجاج جي طاقت آهي ياد رهي ته ماضيءَ ۾ اڄوڪن حڪمرانن 25 جون 1975ع تي به رام ليلا ميدان ۾ وڏو مظاهرو ڪيو هو، جنهن کان پوءِ ان وقت جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي هئي ان دوران صحافين کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته اخبارون ۽ پريسون بند ڪيون ويون، گرفتار ٿيندڙن ۾ سڀ کان پهرين مڌيه پرديش صوبي جي شهر اندور ۾ سنڌ چاڻو سکر واسي ديپڪ ڪوڏواڻي نظر بند ٿيو ۽ ماتر ڀومي پريس کي سيل ڪيو ويو، جتان سنڌي هفتيوار اخبار 'هندو ڀومي' ۽ ماهوار رسالو 'شڪتلا' پڻ شايع ٿيندا هئا. اتفاق سان ديپڪ ڪوڏواڻي کي ئي سڀ کان پهرين جيل مان آزاد ڪيو ويو هو 'هندو ڀومي' ۽ 'شڪتلا' جو ايڊيٽر پهريان بلال رسلي ۽ پوءِ راقم کي روزاني عبرت لاءِ خبرون موڪليندو هو.

جيڪو مسلمان ۽ ڪانگريس جو ويجهو ساٿي هو، کي ملڪ ۾ صدارتي حڪم ذريعي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي سفارش ڪئي اُن لاءِ هندستان جي آئين جي آرٽيڪل 352 تحت ايمرجنسي لڳائي وئي ايمرجنسي واري ڪهاڻي به دلچسپ آهي دلچسپ اُن لحاظ کان آهي ته پارليامينٽ (لوڪ سڀا) جي سيٽ بريلي (اتر پرديش) تڪ مان اندرا گانڌي ڌانڌلي ذريعي پنهنجي مخالف اُميدوار راج نارائڻ کان کٽي هئي جنهن تي راج نارائڻ ڪيس ڪيو جيڪو الهه آباد هاءِ ڪورٽ ۾ هليو ۽ اُن لاءِ جسٽس جڳمون لال سنها وزيراعظم اندرا گانڌي کي ڪورٽ ۾ طلب ڪيو ۽ اُن کي جوابدارن واري ڪٽهڙي ۾ پنج ڪلاڪ مسلسل بيهاري سوال ڪيا ۽ پوءِ فيصلو به مخالفت ۾ ٻڌايو هندستاني تاريخ ۾ هي پهريون اڻ وسرندڙ واقعو هو جو ڪنهن وزيراعظم کي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بطور جوابدار بيهاريو ويو هو ساڳ هڪ عورت وزيراعظم هوندي جنهن ڪاپيءَ اندرا گانڌي سخت ڪاوڙ ۾ اچي ملڪ ۾ ايمرجنسي نافذ ڪرائي اُن سان عوام جا سڀئي آئيني حق ختم ٿي ويا اُن ڪاپيءَ ڏڙا ڏڙ ليڊر ڪارڪن گرفتار ٿيا ۽ هزارين گرفتاريون ٿيون، اظهار جي آزادي ختم ٿي وئي سينسر شپ سبب اخبارون بي حال ٿي ويون، اندرا گانڌي پنهنجي اقتدار جي ڀرپور طاقت جو استعمال ڪيو، جيئن مخالفن جو آواز بند رهي ۽ وات زبان خاموش هجن ٻئي طرف سينيئر اڳواڻ جئه پرڪاش نارائڻ هنن هنگامي حالتن خلاف تحريڪ شروع ڪري ڏني جئه پرڪاش نارائڻ سوشلسٽ هو ۽ ميڊيا جي آزادي لاءِ جيل ڀريو تحريڪ هلائي اُنهن ڏينهن ۾ آڪاشواڻي ريڊيو تان ڪشور ڪمار جا گانا نشر ڪرڻ تي به پابندي وڌي وئي هئي ته به فلمون 'آنڌي' ۽ 'ڪرسي' تي به بندش لڳائي وئي هئي ايمرجنسي لڳڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ 25 جون اربع ڏينهن دهلي کان پري رام ليلا ميدان تي اپوزيشن سان گڏ عوام جو سمنڊ اندرا گانڌي خلاف اٿلي پيو هو، جنهن لاءِ قافلا پري پري کان آيا هئا ۽ مخالف ڌر جي اتحاد فل طاقت جو مظاهرو ڪيو هو، اسٽيج تي بزرگ اڳواڻ جئه پرڪاش نارائڻ مرار جي ڊيسائي، اٽل بهاري واجپائي سنڌ چاڻو ليبر ايل ڪي آڏواڻي جوڙي چرڻ سنگهه ويٺل هئا، حالانڪ ان وقت بي جي پي اڄوڪي دور وانگر سياسي ميدان ۾ سرگرم ۽ اثرائتي حيثيت ۾ نه هئي رام ليلا گرائونڊ تي ٿيل جلسي ۾ اهو به چيو ويو هو ته رڳو حڪومت جي تبديلي سان مسئلا حل نه ٿيندا، پر ملڪ جي نظام ۽ سموري سرشتي ۾ به تبديلي آڻڻ ضروري آهي اندرا گانڌي 1971ع جي چونڊن ۾ راءِ بريلي واري تڪ تان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي پر اها ڪاميابي تڪراري بڻجي وئي راج نارائڻ جي درخواست تي الهه آباد هاءِ ڪورٽ سندس چونڊ کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو ان فيصلي خلاف اپيل تي 24 جون 1975ع تي (خميس ڏينهن) هندستان جي سپريم ڪورٽ جي جسٽس وي آر ڪرشنا آئر اندرا گانڌيءَ کي وزيراعظم جي عهدي تي برقرار رهڻ جي اجازت ڏيندي جزوي رليف ڏنو عدالت جي فيصلي موجب هوءَ وزيراعظم ته رهي سگهندي، پر پارليامينٽ ۾ ووٽنگ دوران حصو وٺي نه سگهندي ۽ نه ئي پنهنجو ووٽ ڏئي سگهندي اُن فيصلي تي مخالف ڌر احتجاج ڪيو ته اهو غير مناسب آهي ڇو ته جڏهن هُو ڌانڌلي سان وزيراعظم ٿي آهي ته پوءِ اهو فيصلو به غلط آهي هُو استعيفيٰ ڏئي اُن لاءِ مخالف ڌر هڪ هفتي جو وقت 29 جون تائين وزيراعظم اندرا گانڌي کي ڏنو پر اندرا گانڌي اڌ رات جو صدر فخر الدين علي احمد کان صحيحون ڪرائي صبح کان اڳ ئي ملڪ ۾ ايمرجنسي هٺائي ڇڏي سڄ اڀرڻ کان پهرين اخباري پريس جي بجلي ڪاٽي وئي ٻئي ڏينهن 26 جون تي سڄي هندستان ۾ بڪ اسٽالن تي اخبارون موجود نه هيون اها ايمرجنسي لڳ ڀڳ 22 مهينا لاڳو رهي ۽ 21 مارچ 1977ع تي ختم ٿي ان ڪاپيءَ 1977ع ۾ هندستان ۾ عام چونڊون ٿيون، جن ۾ اندرا گانڌي ۽ سندس پٽ سنجي گانڌيءَ کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو، نتيجي ۾ مخالف ڌر جي اتحاد گڏيل حڪومت قائم ڪئي ۽ ملڪ ۾ پهريون ڀيرو غير ڪانگريسي حڪومت اقتدار ۾ آئي اهو به ياد رهي ته مذڪوره مخالف ڌر جي اتحاد ۾ شامل ڪجهه اڳواڻن بعد ۾ وزيراعظم اندرا گانڌيءَ کان معافي وٺڻ لاءِ خط پڻ لکيا هئا، جن ۾ 2 وڏا اڳواڻ ايل ڪي آڏواڻي ۽ واجپائي سرفهرست آهن ۽ هنن ايمرجنسي ۾ تعاون ڪرڻ جو به يقين ڏياريو هو اُن بعد ڪين پيرول تي آزادي ملي هئي بهرحال رام ليلا ميدان ريلي اندرا گانڌي جي حڪومت کي لوڏي ڇڏيو ۽ اُن بعد حڪومت به هلي وئي هئي ايمرجنسي سبب بطور وزيراعظم اندرا ڪتيو ۽ ڪرسي هارائي وئي پر اڄ جي مودي لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي ته 'سڄڻ توکي خبر کهڙي'.



25 جون 1975ع جي تاريخ هندستان ۾ ڪاري تاريخ سمجهي ويندي آهي ڇو ته 25 جون (اربع ڏينهن) 1975ع تي هندستان ۾ جمهوريت هوندي به ايمرجنسي لڳائي وئي هئي ايمرجنسي جو اعلان سرڪار جي ماتحت هلندڙ (برصغير جي روايت موجب) آڪاشواڻي (آل انڊيا) ريڊيو تان ڪيو ويو هو اُن وقت اڄوڪا هندستاني حڪمران لڏني وارا مخالف ڌر وارا هئا ۽ اُن زماني ۾ اڄوڪي حڪمران پارٽي بي جي پي اصل ۾ جنتا پارٽي هئي ۽ اُن کي آر ايس ايس جي به حمايت حاصل هئي آر ايس ايس اُن وقت پنهنجي هفتيوار رسالي 'پانچ جنيه' جي خاص شماري ۾ سرورق تي ان وقت جي وزيراعظم اندرا گانڌي ۽ جرمن ڊڪٽيٽر هٽلر جون تصويرون گڏ شايع ڪري، انهن کي 'هڪ ئي آمر ۽ ڊڪٽيٽر' قرار ڏنو هو. جڏهن ته ان عنوان جي ابتڙ هٽلر پنهنجي سنگين ڏوهن جي ذميواريءَ کان انڪار ڪندو رهيو هو. هندستان ۾ لاڳو ڪيل ايمرجنسيءَ جي تاريخ کي وسارڻ ممڪن ناهي ڇو ته ايمرجنسي جمهوريت لاءِ آخري هٿيار طور استعمال ڪئي ويندي آهي ياد رهي ته مذڪوره رسالي تازو پنهنجي سرڪاري ٽوئيٽر کاتي تي 25 جون 1975ع واري ڪاري رات جو داستان به شيئر ڪيو هو پر ڪانگريس طرفان ان جو ڪو به جواب نه ڏنو ويو. حقيقت ۾ هن داستان جي شروعات ان کان به گهڻو اڳ ٿي هئي ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ جو بنيادي سبب 12 جون 1975ع تي الهه آباد هاءِ ڪورٽ جو اهو فيصلو هو، جنهن ۾ وزيراعظم اندرا گانڌي جي 1971ع ۾ راءِ بريلي واري تڪ تان ڪٽيل چونڊ کي راج نارائڻ جي درخواست تي چيلينج ڪرڻ ڪاڻ چونڊن ۾ هيراڦيري ۽ ڌانڌلي ثابت ٿيڻ تي رد ڪيو ويو ۽ ڪيس ڇهن سالن تائين چونڊ وڙهڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ کان اڳ اندرا گانڌي پنهنجي پٽ سنجي گانڌيءَ کان به مشورو ورتو هو، جيڪو خانداني منصوبابنديءَ جي نالي تي زبردستي نس بنديءَ واري مهم هلائڻ سبب به تڪرارن جو شڪار رهيو ان کان پوءِ وزيراعظم اندرا گانڌي هندستان جي ان وقت جي صدر فخرالدين علي احمد،

ٽڪر ڪارلسن جي دعويٰ ۽ آمريڪي وچ مدي وارين چونڊن جا اثر


سليم ٽالپر

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ، اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهوءَ جون مبينا ڪوششون ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاليسيءَ بابت مشهور آمريڪي صحافي ٽڪر ڪارلسن جي دعوائن عالمي سطح تي نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. ڪارلسن جو چوڻ آهي ته نيتن ياهوءَ جي دٻاءَ سبب ٽرمپ انتظاميا ايران تي جوهري حملو ڪرڻ جي امڪان تي غور ڪري رهي آهي ۽ ان بابت فيصلو 7 نومبر تائين ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اها دعويٰ درست ثابت ٿئي ٿي ته ان جا اثر رڳو وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا پر عالمي امن، معيشت ۽ جوهري هٿيارن جي استعمال بابت قائم اصولن تي به پوندا. پر هن معاملي کي سمجهڻ لاءِ ڪارلسن جي دعوائن سان گڏ آمريڪي سياست ۾ ٿيندڙ تبديلين کي به ڏسڻو پوندو.

آمريڪا جون وچ مدي واريون چونڊون ۽ ٽرمپ لاءِ سياسي امتحان: هن سڄي صورتحال ۾ آمريڪا جون 3 نومبر تي ٿيندڙ وچ مدي واريون چونڊون خاص اهميت رکن ٿيون. انهن چونڊن ۾ آمريڪي ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن، يعني سينيٽ ۽ ايوانِ نمائندگان جي ميمبرن جي چونڊ ٿيندي. سينيٽ جي 100 مان 35 ۽ ايوانِ نمائندگان جي سڀني 4 سئو 35 سيٽن تي ووٽ وڌا ويندا، جڏهن ته 36 رياستن ۾ گورنرن جي چونڊ به ٿيندي. آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ 21 ڪروڙ رجسٽرڊ ووٽر آهن ۽ چونڊن کان اڳ ئي 5 ڪروڙ 30 لک کان وڌيڪ ماڻهو پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪري چڪا آهن. اها اڳواٽ ووٽنگ گذريل وچ مدي وارين چونڊن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. انهن چونڊن جي خاص ڳالهه اها آهي ته ريپبلڪن پارٽي هن وقت سينيٽ ۽ ايوانِ نمائندگان ٻنهي ۾ معمولي اڪثريت رکي ٿي. سينيٽ ۾ ريپبلڪن ميمبرن جو انگ 53 آهي، جڏهن ته ڊيموڪريٽس سان گڏ 2 آزاد ميمبر به آهن، جيڪي ڊيموڪريٽڪ ڌر سان گڏ ويهن ٿا. ايوانِ نمائندگان ۾ به ريپبلڪن پارٽيءَ کي ٿوري اڪثريت حاصل آهي. چونڊن کان اڳ ڪيل مختلف سروي ۾ ڊيموڪريٽڪ اميدوارن کي ريپبلڪن اميدوارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حمايت ملندي نظر اچي رهي آهي. مثال طور اين بي سي جي 30 آڪٽوبر واري سروي ۾ ڊيموڪريٽس کي 52 سيڪڙو ۽ ريپبلڪنز کي 45 سيڪڙو حمايت حاصل هئي.

انهن چونڊن تي سياسي اشتهارن لاءِ 11 ارب 60 ڪروڙ ڊالر خرچ ٿيڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. رائٽرز موجب اهو انگ آمريڪي چونڊن جي تاريخ ۾ سياسي اشتهارن تي ٿيندڙ سڀ کان وڏو خرچ هوندو. ووٽرن جي اهم ترجيحن ۾ مهانگائي، روزگار، معيشت، پرڏيهي پاليسي ۽ ايران سان جنگ جا معاملا شامل آهن. جيڪڏهن ڊيموڪريٽڪ پارٽي ايوانِ نمائندگان ۾ اڪثريت حاصل ڪري ٿي ته ٽرمپ انتظاميا لاءِ قانون سازي، سرڪاري خرچن ۽ انتظامي فيصلن بابت پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي وڌڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ڊيموڪريٽس کي حڪومتي معاملن جي جاچ ڪرڻ، انتظاميا کان وضاحتون گهرڻ ۽ ڪانگريس جي نگرانيءَ وارن اختيارن کي استعمال ڪرڻ جو موقعو ملندو. ٽرمپ پاڻ به چئي چڪو آهي ته جيڪڏهن ڪانگريس ۾ ڊيموڪريٽس جي اڪثريت ٿئي ٿي ته هو هر معاملي تي صدارتي ويٽو استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿيندو. اهڙي سياسي صورتحال جو ايران سان لاڳاپيل فيصلي تي به اثر پئجي سگهي ٿو. جيڪڏهن ٽرمپ کي پنهنجي ئي ملڪ اندر سياسي مخالفت جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ته ايران خلاف وڏي فوجي ڪارروائي ڪرڻ بابت ڪيس وڌيڪ سياسي ۽ قانوني سوالن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. البته آمريڪي صدر وٽ فوجي معاملن بابت ڪي اهم آئيني اختيار موجود آهن. تنهنڪري ڪانگريس ۾ اڪثريت تبديل ٿيڻ جو مطلب اهو ناهي ته صدر جا سمورا اختيار ختم ٿي ويندا.

ڇا ٽرمپ چونڊن کان پوءِ ايران خلاف ڪارروائي ڪري سگهي ٿو؟: ٽڪر ڪارلسن جي دعويٰ جو سڀ کان وڌيڪ ڏيان ڇڪائيندڙ پاسو اهو آهي ته ٽرمپ ايران خلاف جوهري هٿيار استعمال ڪرڻ بابت فيصلو 7 نومبر تائين ڪري سگهي ٿو. اهو وقت آمريڪي وچ مدي وارين چونڊن کان فقط چار ڏينهن پوءِ آهي. ان ڪري سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ٽرمپ چونڊن جي نتيجن کان پوءِ ايران خلاف ڪنهن وڏي فوجي ڪارروائيءَ جو فيصلو ڪري سگهي ٿو؟ ڪارلسن موجب نيتن ياهو چاهي ٿو ته آمريڪا ايران خلاف جنگ ٻيهر تيز ڪري، جڏهن ته نائب صدر جي ڊي وينس ۽ آمريڪي خاص نمائندي اسٽيو وٽڪوف سفارتي ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جي حمايت ڪن ٿا. هن اهو به چيو آهي ته ٽرمپ انهن ٻنهي جا دليل ٻڌي رهيو آهي ۽ في الحال جوهري حملي بابت حتمي فيصلي کان پاسو ڪري رهيو آهي. پر انهن مبينا اندروني بحثن بابت ڪارلسن وٽ ڪو سرڪاري دستاويز يا ٻالي سان تصديق ڪندڙ ذريعو موجود ناهي. آمريڪي سياست ۾ اهو به ڏسڻو پوندو ته ايران خلاف جنگ جو معاملو ٽرمپ لاءِ رڳو پرڏيهي پاليسيءَ جو سوال ناهي پر سندس پنهنجي سياسي مستقبل سان به ڳنڍيل آهي. جيڪڏهن جنگ ڊگهي ٿئي ٿي، تيل جا اگهه وڌن ٿا، آمريڪي معيشت تي دٻاءُ پوي ٿو ۽ فوجي جاني نقصان وڌي ٿو ته ان جو اثر حڪومت جي مقبوليت تي پئجي سگهي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ٽرمپ سفارتي ڳالهين ذريعي ڪو ناهه ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته اهو سندس پرڏيهي پاليسيءَ جو اهم نتيجو ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان سميت ڏکڻ ايشيا لاءِ خطري جي گهنٽي: ايران تي جوهري حملي جو امڪان پاڪستان لاءِ به معمولي مامرو نه هوندو. ڇو ته پاڪستان ۽ ايران هڪٻئي جا پاڙيسري ملڪ آهن ۽ ٻنهي وچ ۾ مذهبي، ثقافتي، واپاري ۽ جاگرافيائي لاڳاپا موجود آهن. ايران ۾ جوهري ڌماڪي يا وڏي جنگ جي صورت ۾ پاڪستان جي سرحدي علائقن، واپار، توانائيءَ جي فراهمي ۽ ماحول تي اثر پوڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. ان کان سواءِ عالمي تيل جي اگهن ۾ واڌ پاڪستان جي اڳ ئي مهانگائيءَ جو شڪار معيشت لاءِ وڌيڪ ڏکيائيون پيدا ڪري سگهي ٿي. ڪارلسن پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ به جوهري هٿيارن جي استعمال جو خطرو وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اهڙي نتيجي کي لازمي قرار ڏيڻ درست نه ٿيندو، پر ڏکڻ ايشيا ۾ ٻنهي جوهري هٿيار رکندڙ ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ جي ڪنهن به صورتحال کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ ضروري آهي. پاڪستان لاءِ بهتر رستو اهو هوندو ته هو سفارتي ذريعن سان علائقائي امن جي حمايت ڪري ۽ ڪنهن به اهڙي جنگ کي روڪڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، جيڪا سڄي خطي کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

رهائشي سوسائٽيون: زرخيز زمينن کي ڪنڪريٽ نه بڻايو وڃي!


رميش راجا

حيدرآباد کان ڪمون شهيد تائين نيشنل هاءِ وي ۽ ڪشمور ڏانهن ويندڙ انڊس هاءِ وي تي رهائشي اسڪيمن جا اشتهار، زرعي منظرن کي پلاٽن جي فهرستن ۾ بدلائي رهيا آهن سنڌ کي عارضي نفعي لاءِ زرخيز آبپاشيءَ هيٺ زمين قربان ڪرڻ جو سلسلو روڪڻو پوندو ۽ اهڙين آبادين جي رٿابندي ڪرڻي پوندي، جيڪي سڀاڻي جي خوراڪ ۽ ماحول کي محفوظ رکن 2017ع جي آدمشماريءَ ۾ موجب سنڌ جي آبادي 4 ڪروڙ 78 لک 50 هزار هئي جيڪا 2023ع جي آدمشماريءَ ۾ 5 ڪروڙ 56 لک 90 هزار ٿي وئي آهي يعني ڇهن سالن ۾ لڳ ڀڳ 78 لک 40 هزار ماڻهو وڌيا آهن سڀني کي ڇت به گهرجي ۽ مائي به هڪ ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ٻيءَ جو بنياد ڊاهڻ ڪوتاهه نظري آهي.

زرعي زمين مٽي، پاڻي، اڄ وچ، پوک جي چاڻ ۽ آبپاشي تي ٿيل سيڙڪاريءَ جو گڏيل سرمايو آهي ايف اي او موجب اسان جي خوراڪ جو 95 سيڪڙو زمين مٽي ۽ پاڻيءَ تي دارومدار رکي ٿو پيداواري مٽي ٺهڻ ۾ صديون لڳن ٿيون. ٽڪرن ۾ ورهايل ٻنين جي بحالي مهانگي پوي ٿي پلي رهائشي منصوبا خالي پيا هجن ڪنڪريٽ ۽ ڊامر مٽيءَ جي سطح بند ٿيڻ (Soil Sealing) جو سبب بڻجن ٿا، جنهن جي ڪري پاڻيءَ جو جذب گهٽجي ٿو مٽيءَ ۽ وايومنڊل جي ڏي وٺ محدود ٿئي ٿي زير زمين جاندارن جون رهائشگاهون متاثر ٿين ٿيون، مٽاڻيري وارو وهڪرو ۽ گرمي وڌن ٿي جڻ اسين قدرتيءَ جا ساهه کڻڻ وارا لنگهه بند ڪري رهيا آهيون.

عالمي مثال رهنمائي ڪن ٿا برٽش ڪولمبيا 1973ع ۾ محفوظ زرعي اراضيءَ جو نظام قائم ڪيو جنهن تحت قانوني اجازت کان سواءِ غير زرعي استعمال ۽ زمين جي ورهاست تي پابنديون لاڳو آهن جاپان جي مخصوص زرعي علائقن ۾ استعمال جي تبديلي عام طور منع آهي استثنا لاءِ متبادل هئڻ ۽ زرعي اثرن بابت شرط پورا ڪرڻا پون ٿا چين ۾ مستقل بنيادي زرعي زمين کي تعميراتي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ اسٽيٽ ڪائونسل جي منظوري ضروري آهي چين ڏيکاري ٿو ته ضروري روڊ به گهٽ زرعي زمين والاري سگهن ٿا هونان جو 50.284 ڪلوميٽر ڊگهو جانگشا-يي يانگ ايڪسپريس وي توسيعي منصوبو 31 آگسٽ 2020ع تي جانگشاجانگئي اترين ايڪسپريس وي جي جانگشا-يي يانگ حصي طور ڪوليو ويو پوک وارن حصن ۾ اوچين پلن اختيار ڪرڻ سان زرعي زمين جي گهرج 55 هيڪٽر يعني لڳ ڀڳ 1 سئو 36 ايڪڙ گهٽجي وئي آهي هوبي جي شيئوگان-هانجوان-ينگجنگ ايڪسپريس وي جو فوين ايڪسپريس وي کان ووجنگ ايڪسپريس وي تائين وارو حصو بيو مثال آهي صوبائي قدرتي وسيلن واري کاتي جي 17 جولاءِ 2024ع جي رپورٽ موجب منصوبي جو لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو حصو پلن تي ٻڌل هو اوچن حصن ۽ ڊزائين جي ٻين سڌارن ڪڻجي پوک واري زمين جي گهرج ۾ 35.86 هيڪٽر گهٽتائي آندي، جنهن ۾ مستقل بنيادي زرعي زمين جا 22.68 هيڪٽر شامل هئا چين جي ٽرانسپورٽ واري وزارت زرعي زمين کان پاسو ڪرڻ، ٻنين جي ٽڪرن ۾ ورهائجڻ کي گهٽائڻ ۽ موزون هنڌن تي پلن يا سرنگهن جي استعمال جي همٿ افزائي ڪري ٿي اوچن روڊن لاءِ به بنياد ۽ ڀيڄ وارا رستا گهرجن سنڌن چانڊ پوک تي اثر وجهي ٿي سنڌ ۾ جتي ضروري بنيادي ڍانچو قيمتي ٻنين مان گذري، اتي اهڙن متبادلن جي فني ۽ معاشي موزونيت جاچڻ گهرجي اوريگن ۾ شهري واڌ جون مقرر حدون ٻنين ۽ ٻيلن کي بچائين ٿيون، انهن ۾ واڌ رٿابنديءَ سان مشروط آهي فرانس جي 2021ع واري آبهوا ۽ موسمياتي اثرن کي منهن ڏيڻ جي سگهه بابت قانون 2050ع تائين زمين کي مصنوعي سطحن ۾ بدلائڻ جي خالص واڌ ٻڙيءَ تي آڻڻ ۽ 2021ع کان 2031ع دوران قدرتي، زرعي ۽ ٻيلن واري زمين جي استعمال ۾ تبديلي گڏيل ڏهاڪي جي پيٽ ۾ اڌ ڪرڻ جا هدف رکيا آهن.

سنڌ کي پيداواري مٽي، آبپاشيءَ هيٺ ڪيٽن، باغن، نيڪال جي لنگهن ۽ آبادين جي نقشي بندي ڪرڻ گهرجي سڄاتل اعليٰ پيداواري زمينن تي نين رهائشي اسڪيمن جون منظوريون روڪي محفوظ زرعي علائقا قائم ڪيا وڃن عوامي مفاد ۾ ڪنهن استثنائي تبديليءَ لاءِ سببن جي پڙتال، متبادل هنڌن جي ڀيٽ، زرعي اثرن جو جائزو ۽ آزاد چنڇائڻ لازمي هجي شهري خالي پلاٽن، نئين سر تعمير ۽ محدود اراضيءَ ۾ وس آهر رهائشي پاڻن کي اوليت ڏجي جتي آمدرفت، پاڻي ۽ نيڪال جون سهولتون هجن بنيادي ڍانچي ۽ تعمير ڪندڙن لاءِ ترغيبن جو رُخ مناسب غير زرعي زمين ڏانهن موڙيو سنڌ جي اوڀر واري ٿرا-ٿر ريگستاني پٽيءَ لاءِ گڏيل علائقائي رٿابندي ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ موزون هنڌن تي شهر، ٿلهائي سياحت، تفريحي ماڳ، شمسي توانائي، تعليمي ادارا ۽ مناسب صنعتون هجن گڏوگڏ روڊ، ڊجيٽل رابطا ۽ پائيدار پاڻيءَ جي فراهمي يقيني هجي مقامي آبادين زميني حقن، چراگاهن ۽ حياتياتي گوناگونيت کي تحفظ ملي روزگار ۽ خوشحاليءَ ۾ مقامي ماڻهن جو حصو هجي گرمي گنرسفر ۽ ماحولياتي موزونيت جاچيا وڃن برساتي پاڻي گڏ ڪرڻ ۽ تنديا ذخيرا فراهميءَ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا، پر پاڻيءَ جي دستيابيءَ ۽ گهرج جي پروسي جوڳي حساب جو متبادل نٿا بڻجي سگهن.

آمريڪي رياست نيوادا جيڪا گهڻي پاڻي خشڪ ۽ ٻهراڙي آهي لڳ ڀڳ 2 لک 86 هزار 4 سئو چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي ۽ ڪيليفورنيا، اوريگن، آئيڊاهو، يوٽا ۽ ايريزونا سان سرحدون رکي ٿي لاس ويگاس 1905ع ۾ ريلوي شهر طور اسريو ۽ بنيادي سهولتن، سيڙڪاريءَ ۽ ڪاروباري ڪوششن وسيلي سياحت ۽ وندر جو عالمي مرڪز بڻيو ريگستاني ترقي تحقيق ۽ ثبوتن تي ٻڌل هجي موجود قدرتي نظامن جو احترام ڪيو وڃي ۽ ڪين خالي زمين نه سمجهيو وڃي زرعي تحفظ سان گڏ عام ماڻهن جي پهچ ۾ رهائشي متبادل به پيدا ڪجن ته جيئن پابنديون ڳوٺائي روزگار کي مضبوط ڪن ۽ گهر عام خاندانن جي وس کان ٻاهر نه ٿين فائديمند مڌين ۽ زمين زرعي استعمال ۾ برقرار رکڻ لاءِ ترغيبن وسيلي مزارعن ۽ ننڍن آبادگارن کي تحفظ ڏجي رٿابندي، بلڊنگ ڪنٽرول روينيو ۽ ماحولياتي ادارا منظور ٿيل نقشا، زميني استعمال جا فيصلا ۽ تبديليءَ جا سيٽلائيٽ رڪارڊ پڌرا ڪن ترقي ۽ ايندڙ رهائشي اسڪيم سان گڏ ايندڙ فصل جو به قدر هجي ڇو ته ڪنڪريٽ ماڻهن کي ڇت ڏئي سگهي ٿو پر مائي نٿو ڏئي سگهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 03 نومبر

ماستر چندر

ماستر چندر هند ۽ سنڌ جو مها راڳي هو جيتوڻيڪ هن کي وڇڙئي 38 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي پر هن جا ڳايل ڪلام اڄ به اوترائي مقبول آهن جيترو سندس حياتيءَ جي ڏينهن ۾ هئا. افسوس جو هن




مهان راڳيءَ جي جنم توڙي فوتگيءَ جي اصل تاريخ تي ڪافي اختلاف آهي هندستان جي مشهور ليکڪا ڪملا گوڪلانيءَ هندواسي رسالي جي 2 سيپٽمبر 2018ع واري شماري ۾ هن جي جنم جي تاريخ 18 ڊسمبر 1909ع ۽ فوتگيءَ جي تاريخ 2 نومبر 1984ع لکي آهي ساڳي تاريخ سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا لکي آهي سنڌ واسي رسالي جي 4 ڊسمبر 2022ع واري شماري ۾ ديال آشا جنم ڊسمبر 1907ع ۽ وفات جي تاريخ 3 نومبر 1984ع ٻڌائي آهي ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ به پنهنجي ڪالمن ۾ ماستر چندر جي ديهانت جي تاريخ 3 نومبر 1984ع ٻڌائي آهي انسائيڪلوپيڊيا آف سنڌي ۽ انگريزي وڪيپيڊيا ۾ جنم جي تاريخ 7 ڊسمبر 1907ع ۽ وفات جي تاريخ 3 نومبر 1984ع ڄاڻايل آهي هندواسي رسالي جي 8 جنوري 2012ع واري شماري ۾ جنم جي تاريخ 14 ڊسمبر 1909ع ۽ وفات جي تاريخ 4 نومبر 1984ع لکيل آهي ٻين رسالن ۽ ويب سائٽن تي به مختلف تاريخون لکيل آهن ايترقدر جو سندس اصل نالي تي به اختلاف آهي گوبند ملهيءَ مطابق هن جو اصل نالو چانڊومل ڏامواڻي هو جڏهن ته ٻين حوالن مطابق سندس اصل نالو چندرمل ڏانواڻي هو بهرحال هن جو جنم نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ٺارو شاهه ۾ هڪ سگهڙي ستابي گهراڻي ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر ٺارو شاهه ۾ حاصل ڪئي ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هُئس ان زماني ۾ ڳائڻ کي وڏي طبقي جا ماڻهو سٺين نظرن سان نه ڏسندا هئا، ان ڪري شروع ۾ هن جا مٽ به سندس ڳائڻ واري شوق ۾ خوش نه هئا پر ماستر چندر کي سنگيت جي سُتي ته ڄڻ ڄائي ڄم کان پيتل هُئي، ان ڪري جيئن جيئن عمر ۾ وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن سنگيت سان سندس سنگت پڪي ۽ پختي ٿيندي وئي هن پهريائين نواب شاهه ۾ ۽ پوءِ ڪراچيءَ جي موسيقي ۽ راڳ سيکارڻ جو اسڪول قائم ڪيو هو صوفي بزرگن جي مزارن تي به ٻين فنڪارن سان گڏ خوشيءَ سان پنهنجا سُروڪيريندو هو هن جو گرامو فون تي رڪارڊ ڪرايل پهريون ڪلام "طبيبا خيال سان ڏسجي اٿم دل جي بيماري" مشهور ڪاموري محمد بخش ڪوچهيءَ جو لکيل هو اهو رڪارڊ جڏهن عوام تائين پهتو ته سڄي سنڌ ۾ واهه واهه مچي وئي ۽ هو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿي ويو ان بعد هن جا ٻيا به ڪيترائي ڪلام گراموفون تي رڪارڊ ٿي عوام ۾ مقبول ٿيندا رهيا پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهريائين اجمير پوءِ ڪلڪتي ۽ آخرڪار ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين ماستر چندر 1984ع ۾ اسان کان وڇڙي ويو پر هن جا ڳايل ڪلام اڄ به شوق سان ٻڌا ۽ ڳايا وڃن ٿا.

احمد محمد قاضي


هن ناميارِي سياستدان ۽ سماج سڌارڪ شخصيت جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1916ع ۾ ڏيپلي ۾ قاضي مولوي محمد جي گهر ۾ ٿيو هن ايم اي، ايل ايل بي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪرڻ کان پوءِ لنڊن مان بين الاقوامي قانون ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هو ڏيپلي شهر جو پهريون وڪيل هو هن 1945ع ۾ سياسي ميدان ۾ پير پاتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي سيٽ تي ارباب توگاچيءَ سان مقابلو ڪيائين پر سوڀ ماڻي نه سگهيو. اڳتي هلي ٿرجي ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر چونڊيو ويو 1961ع کان 1970ع تائين ڏيپلي جي يونين ڪائونسل جو چيئرمين رهيو. پنهنجي چيئرمينيءَ واري دور ۾ هن ڏيپلي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا، جن ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو سرشتو، پيئڻ جي پاڻيءَ جو انتظام ۽ گهٽين کي پڪو ڪرائڻ جهڙا اهم ڪم شامل هئا. هن پهرين سيپٽمبر 2008ع تي وفات ڪئي.

پڳوان ڪلناڻي ساقي




پڳوان ڪلناڻي ساقيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1921ع ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي شهر پريا ۾ ٿيو هو هڪ ئي وقت تعليمي ماهر، ليکڪ، چترڪار ۽ شاعر طور مشهور آهي 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان لڏي ويو، جتي 1949ع ۾ پمپري شهر ۾ جئه هند هاءِ اسڪول قائم ڪيائين هن انهيءَ اسڪول ۾ هڪ محنتي استاد ۽ پرنسپال طور پنهنجي زندگيءَ جا 25 سال گذاريا. هو هڪ بهترين ليکڪ هو ۽ ڪيترئون ئي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيائين هن سنڌيءَ ۽ اردو شاعريءَ ۾ به پنهنجو پاڻ مڃرايو. گلوگلا هڪ بهترين چترڪار ۽ ڪارٽونسٽ طور به وڏي مشهوري ماڻي هن پنهنجي 80 پينٽنگس جو البم ناهيو. جنهن ۾ اميتاڀ بچن، شاهه رُخ خان، لتا منگيشڪر ۽ ٻين مشهور شخصيتن جون مزاحيه انداز ۾ ناهيل تصويرون ۽ ڪارٽون شامل هئا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ماستر جي" (ناول)، "دلرباعيون" (شاعري)، "راجو" (ناول)، "منهنجون آخري نادانيون" (شاعري)، "خاموشين سان ڳالهيون" (شاعري)، Bubbles of Life (اقوال زرين)، Sing O' My Novel (ناول)، دبي چنگاريان (اردو غزل)، "اهو مان، مان ناهيان" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 8 مئي 2018ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ڊاڪٽر قلو سندر مينگهواڙ



سنڌ جي هن مشهور تحقيقدان، تعليمي ماهر ۽ ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1982ع ۾ عمرڪوٽ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي جنم واري شهر مان حاصل ڪئي اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽر آف آرٽس جي سند ۽ فيڊرل اردو يونيورسٽي ڪراچيءَ مان سنڌيءَ ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن 2012ع کان 2015ع تائين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪراچي ۾ ريسرچ ايسوسيئيٽ ۽ ليڪچرار طور ڪم ڪيو ڪجهه عرصو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه لطيف چيئر پاران شاهه لطيف انسائيڪلوپيڊيا ۾ ڪم ڪيائين ۽ بعد ۾ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي بينظيرآباد ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو هن سنڌ جي لوڪ ادب، ڍاٽڪي ٻوليءَ ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي ڪيترائي اهم مقالا لکيا آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "نوري، ناري ۽ عدم" ۽ "سنڌي ڀاڪا- لساني ۽ سماجياتي ثقافتي اڀياس" شامل آهن.

نواب شبير احمد چانڊيو



اڄ چانڊيا قبيلي جي سردار نواب شبير احمد خان چانڊيي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو نواب احمد سلطان چانڊيي جي گهر 3 نومبر 1950ع تي ڳوٺ غيبي خان چانڊيي تعلقي قمبر ۾ پيدا ٿيو هن ڪوئيٽا ۾ تعليم حاصل ڪئي شاگرديءَ واري عمر ۾ ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ فوٽ بال جو سٺو رانديگر رهيو هن کي شڪار جو به گهڻو شوق هو هن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سياست جي ميدان ۾ پير پاتو هو سڄا سارا 15 سال پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر رهيو 1990ع کان 1999ع تائين قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هن ممتاز علي ڀٽي غنوي ڀٽي ۽ پنهنجي والد احمد سلطان چانڊيي جهڙن نامور سياستدانن کي چونڊن ۾ هارائي سوڀ ماڻي هو 1995ع وارين چونڊن کٽڻ کان پوءِ قمبر


مختيار اٽڙ

شهدادڪوٽ ضلعي جو پهريون ناظم چونڊيو ويو. 1997ع ۾ دبئيءَ جي عرب شهزادن سان گڏ شڪار ڪندي هڪ حادثي ۾ سندس ڪرنگهي جي هڏي ٽٽي پئي، جنهن ڪري عمر جو آخري حصو ويل چيئر تي گذاريائين هن 28 جون 2009ع تي پنهنجو سنسارِي سفر پورو ڪيو.

ڊاڪٽر اسد جمال پلي




هن مشهور نثر نويس ۽ شاعر جو جنم 3 نومبر 1957ع تي عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ حاجي نبي بخش پليءَ ۾ ٿيو هو مشهور اديب معمور يوسفاڻيءَ جو فرزند آهي هن پارهين ڪلاس تائين تعليم عمرڪوٽ مان حاصل ڪئي ان بعد هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي جناح پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ مان نيورو ميڊيسن ۾ ڊپلوما ۽ لياقت يونيورسٽيءَ مان ايم فل جي سند پڻ حاصل ڪيائين هو سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ نثر نويس ۽ محقق طور مشهور آهي هن ڪيترائي ڪتاب مرتب ڪيا آهن جن ۾ "وڻين وڻ ڦلهاريا" (ترتيب)، "جيڪي آهي اڄ" (صوفي صادق فقير بابت)، "چند جهڙا پرين" (عبدالڪريم پليءَ جي شاعري)، "وڙهيا، واڳيا، وايريا" (صوفي صادق فقير جو ڪلام ۽ سوانح)، "ڪيا سانگ سانوڻ" (عبدالڪريم پليءَ جي شاعري) ۽ "منثارلغات" (منثارفقير جي شاعريءَ جي لغت) شامل آهن ان کان علاوه هن پنهنجي والد معمور يوسفاڻيءَ جا به ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايا آهن

اصغر غوزائي



هن نامور عوامي شاعر جو جنم 3 نومبر 1959ع تي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ غوزائي ۾ ٿيو سندس پورو نالو علي اصغر ولد ميرل خان ڪلهوڙو آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ هاءِ اسڪول جي استاد طور رٽائر ٿيو اصغر گوزائيءَ 1987ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ هن جوهر بروهي، نشتر ناٿن شاهي ۽ علي دوست عاجز کان اصلاح ورتي سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور شاعرن ڳائي جن ۾ منظور سخيراڻي، جلال چانڊيو، تاج مستاڻي، ممتاز لاشاري ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن

مومن بلو




مومن بلو سنڌ جو مشهور صحافي هو هن 22 جولاءِ 1967ع تي پنهنجي عاقل جي ڳوٺ ڪوٽ بلا ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو ابتدائي تعليم پنهنجي ئي جي اسڪولن مان حاصل ڪري ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين پارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين ڪيس صحافت ۽ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي ڪاليج مئگزين ۾ سندس مضمون ڇپبجندا رهندا هئا تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪُل وقتي صحافيءَ طور مختلف انگريزي رسالن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هن انگريزي رسالو The Reporter جاري ڪيو ۽ پاڻ ئي انهيءَ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو هن سنڌ جي انتظامي تاريخ متعلق هڪ ڪتاب "چارلس نيپئر کان محمد ميان سومري تائين" لکيو، جيڪو سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ان کان علاوه هن سنڌ جي مختلف شهرن جي تاريخ بابت ڪتاب ڇپرايا. مومن بلي 3 نومبر 2015ع تي وفات ڪئي.

پروفيسر امداد علي اسماعيلي



اڄ مشهور تعليمي ماهر پروفيسر امداد علي اسماعيليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو بدين ضلعي جي تلهار شهر جي مشهور خوجه خاندان جو چشم ۽ چراغ هو هن 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اليڪٽرانڪس شعبي مان بي ايس سي جي سند حاصل ڪئي اڳتي هلي 1996ع ۾ امپيريل ڪاليج لنڊن مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي ۽ اڳتي هلي ترقي ڪري 22 گريڊ ۾ ميريٽوريس پروفيسر جو عهدو ماڻيائين هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڊائريڪٽر ۽ ساڳيءَ يونيورسٽيءَ جي ميرپورخاص ڪيمپس جي پرو وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليون هو هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد ۽ سنڌ جي گورنر پاران جوڙيل مختلف ڪاميٽين جو ميمبر رهيو هن کي ڪمپيوٽر سائنس هارڊويئر ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ وڏي مهارت حاصل هئي تاريخ 3 نومبر 2020ع تي سندس زندگيءَ جو چراغ هميشه لاءِ وسامي ويو

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل



ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل سنڌ جو هڪ وڏو تعليمي ماهر محقق ۽ ليکڪ هو هن بدين ضلعي جي مشهور شهر ٽنڊي باگي ۾ چراغ الدين مغل جي گهر ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم ٽنڊي باگي مان حاصل ڪيائين. ان بعد حيدرآباد جي ڪينٽونمينٽ هاءِ اسڪول مان علم جي اڃ اجهايائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس ۽ ايم اي جون سندون ۽ انقره يونيورسٽي ترڪيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. ترڪيءَ ۾ رهڻ دوران هن ترڪي ٻوليءَ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو ۽ ترڪي ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪري ورتو هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي 1972ع ۾ ترڪي حڪومت پاران هڪ فيلوشپ حاصل ڪيائين، جنهن تحت "ترڪي، پاڪستان ۽ ايران جي گڏيل لغوي ورثي" تحت هلندڙ هڪ تحقيقي پراجيڪٽ تي 3 سال ڪم ڪيائين. هن استنبول يونيورسٽيءَ ۾ "اردو ۽ پاڪستاني ثقافت" جو شعبو قائم ڪيو ۽ ٻه سال انهيءَ شعبي ۾ استاد طور ڪم ڪيائين. هن انقره ۾ قائم پاڪستاني سفارتخاني ۾ ثقافتي ۽ تعليمي ڪائونسلر طور به ڪم ڪيو. پاڪستان واپس ورڻ بعد هن جن اهم عهدن تي ڪم ڪيو، تن ۾ فار ايسٽ ۽ سائوٿ ايسٽ ايشيا اسٽڊي سينٽر ۾ ڊائريڪٽر سنڌ يونيورسٽيءَ جي مسلم اسٽڊي سينٽر جو ڊائريڪٽر ۽ ساڳيءَ يونيورسٽيءَ جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر جو ڊائريڪٽر شامل آهن هن قائداعظم اڪيڊمي ڪراچيءَ جي ڊائريڪٽر طور به ڪم ڪيو هن انگريزي ٻوليءَ ۾ ترڪي ٻوليءَ جي گرامر جو ڪتاب لکيو ان کان علاوه ٻيا ڪتاب به لکيائين. هن انمول انسان 3 نومبر 2022ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IV ٽنڊومحمد خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ملوڪان بيواهه محمد علي ذات ٿهيم رهندڙ ڳوٺ محمد خان Daidano ٻي او شيخ پرڪيو تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان ..اپليڪينٽ ...بخلاف. جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... اپوزنٽس (1) Waid Ali (2) مسمات شمير (3) مسمات Aashi سپ پٽ ڌيئرون محمد علي. اپوزنٽس (1) بينظير ڌيءَ محمد علي عمر 15 سال... مائنر

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف زيرقلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-11-03 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IV ٽنڊومحمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 475 سال 2026

مسمات ثمينه ڌيءِ امام بخش رند رهندڙ ڳوٺ ميان خان رند پي ايس جام ڏاتار تعلقو دوڙ ..پليٽنف ...بخلاف. حيبت خان رند ولد Dara Khan رهندڙ صالح شاهه 60 ميل تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري سونا زيور لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-11-05 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 513 سال 2026

مسمات ماهنور ڌيءِ محمد سليم رهندڙ گهر نمبر 84-85 نزد نوراني مسجد ڪالوني نوابشاهه ..پليٽنف ...بخلاف. برهان الدين ولد عبدالرشيد رهندڙ گهر نمبر 35/2 سيڪٽر 15/16 گلستان مزدور بلديه ڪراچي ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، ڏاج آرٽيڪلز، مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-11-14 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبروجناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 171 سال 2026

مسمات ظهران ڌيءِ غلام رسول جمالي رهندڙ ڳوٺ وسايو جمالي تعلقو سڪرنڊ ..پليٽنف ...بخلاف. لياقت ولد در محمد جمالي رهندڙ ڳوٺ چن بابو سڪل خان جمالي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي جهانگير خان ولد محمد عارف چانڊيو رهندڙ چانڊيو پاڙو ٽنڊو يوسف لطيف آباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد عارف ولد ڏني بخش تاريخ 2026-04-07 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 121ايراضي حصي موجب ديهه برهام تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني فوتي عبدالحق جا وارث (1) جهانگير خان (پٽ) (2) ڪبير خان (پٽ) (3) سمير (پٽ) (4) مسمات ثمينه چانڊيو (بيواهه) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڻائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوىٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي نظير احمد ولد سومر چانڊيو درخواست ڏني آهي ته ڪيس سندس والد حاجي سومر ولدحاجي شاهه محمد چانڊيو کي پڪي جڳهه واقع شهباز ڪالوني ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري هيٺين وارثن جي نالي ڪئي وڃي (تفصيل وارثن جو) (1) نظير احمد ولد سومر چانڊيو (2) شاهدان ڌيءِ سومر چانڊيو (3) سسئي خاتون ڌيءِ سومر چانڊيو (4) صغران ڌيءِ سومر چانڊيو (5) زهران ڌيءِ سومر چانڊيو (6) فاطمه زال سومر چانڊيو (7) مختيار پٽ سومر چانڊيو (8) راجه خان پٽ سومر چانڊيو (9) ديدار پٽ سومر چانڊيو نوٽ هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض اسانجي آفيس ۾ جمع ڪرائيندا ٻئي صورت ۾ فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪي اين شاهه

عام اطلاع

آئون شيخ نياز احمد ولد ديال چند (GPA) پلاٽ نمبر F/15 ايراضي 1.00 ايڪڙ واقع سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ۾ آهي ايراضي 0.50 ايڪڙ پلاٽ نمبر F/15 سيد اطهر عباس رضوي ولد سيد غلام عباس رضوي ۽ 0.50 ايڪڙ پلاٽ نمبر F/15 سروري بي بي زال غلام حيدر (جنهن جو حصو 37 سيڪڙو آهي) ۽ ان سان گڏ پارٽنر عبدالرافع ولد رضوان احمد (جنهن جو حصو 13 سيڪڙو) سان معاهدو ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر تمام دستاويزي ثبوتن سميت سيڪريٽري سائيٽ لميٽڊ ڪراچي کي اطلاع ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ قانوني ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

شيخ نياز احمد ولد ديال چند

لاتعلقي جواظهار

جئين ته منهنجو پٽ نالي محمد اقبال ولد دين محمد نافرمان ٿي ويو آهي ڪافي سمجهائڻ باوجود پنهنجي حرڪتن کان باز نٿو اچي روز جا جهيڙا ڪرڻ سندس عادت بڻجي وئي آهي جنهن سبب آئون تنگ اچي ڪيس سان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو مون جو منهنجي فيملي جو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هائوسنگ پروجيڪٽ ڪنسٽرڪشن ڊويزن-I، ايچ.ڊي.اي

No. EE/HPCD-I/HDA/425/2026 — Hyderabad, Dated: 03-11-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي (ايچ.ڊي. آئي)، حيدرآباد، ايگزيڪيوٽو انجنيئر هائوسنگ پروجيڪٽ ڪنسٽرڪشن ڊويزن-I جي ذريعي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تحت قومي مقابلي جي بولي ذريعي اهليت رکندڙ ٺيڪيدارن/فرم، جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ رجسٽرڊ هجن، صحيح رجسٽريشن ۽ لاڳاپيل تجربو رکن، کان اليڪٽرانڪ آڇون گهرائي ٿي. خريداري سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (جيئن وقت بوقت ترميم ٿيل آهن) جي ضابطي 46(2) جي تحت "هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار" مطابق هيٺ ڏنل ڪم لاءِ ڪئي ويندي:

نمبر	اسڪيم / ڪم جو نالو	ڪٿيل رقم	5% بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	پورو ٿيڻ جو مدو	پي اي سي ڪيٽيگري / ڪوڊ
1	حيدرآباد ۾ هائوسنگ اسڪيم ايچ.ڊي.اي جي سيڪٽر_I گلستان سرمد ۾ پوليس چيڪ پوسٽ جي تعمير	5.892 ملين روپيا (روپيا -/5,892,445)	0.2946 ملين روپيا (روپيا -/294,623)	-/5,000 روپيا	06 مهينا	C-6 يا مٿي CE01 سان گڏ

ٽينڊر جو شيڊول هن ريت هوندو:

شيڊول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
اي_آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	23 نومبر، 2026 منجهند 2:00 وڳي	SPPRA EPADS ذريعي
ٽينڊر کولڻ	23 نومبر، 2026 منجهند 2:30 وڳي	ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس، هائوسنگ پروجيڪٽ ڪنسٽرڪشن ڊويزن_I، ايچ.ڊي.آي، سوڪ سينٽر ٿڌي سڙڪ، حيدرآباد

شرط ۽ ضابطا:

1. آڇ ۾ هڪ اليڪٽرانڪ تجويز شامل هوندي، يعني ٽينڊر. جيڪو ٽينڊر دستاويزن ۾ طريقي مطابق SPPRA EPADS ذريعي جمع ڪرايو ويندو
2. ٽينڊر هيٺ ڏنل شيڊول ۾ بيان ڪيل تاريخ ۽ وقت تي کوليو ويندو. جيئن EPADS ذريعي ٻڌايو ويو هجي.
3. واڪ دستاويز SPPRA EPADS تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، هائوسنگ پروجيڪٽ، ايچ.ڊي.آي، حيدرآباد جي نالي سان -/5,000 روپين جي ناقابل واپسي ٽينڊر في پي آرڊر /ڊمانڊ درافت جي شڪل ۾ بڊ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻ گهرجي.
4. هر آڇ سان گڏ -/294,623 روپين جي بڊ سيڪيورٽي پي آرڊر، ڊمانڊ ڊرافت يا ڪال ڊپازٽ شڪل ۾ هجڻ گهرجي، جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ طرفان پروڪيورنگ ايجنسي جي حق ۾ جاري ڪيل هجي.
5. ٽينڊر في ۽ بڊ سيڪيورٽي جون اسڪين ٿيل ڪاپيون ٽينڊر سان گڏ اپلوڊ ڪيون وينديون. جڏهن ته اصل ڪاپيون واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسيءَ جي آفيس ۾ پهچايون وينديون.
6. آڇ ٽينڊر کلڻ جي تاريخ جي نوي (90) ڏينهن تائين ڪارآمد رهندي.
7. دير سان پهتل، اڻپوريون، مشروط يا غير_اليڪٽرانڪ آڇون ۽ SPPRA EPADS کانسواءِ ٻئي ڪنهن طريقي سان جمع ڪرايل آڇون قبول نه ڪيون وينديون.
8. جيڪڏهن مقرر ڪيل کولڻ واري تاريخ عام موڪل ڪئي ٿي وڃي، يا EPADS ڪنهن سرڪاري طور تي ٻڌايل ٽيڪنيڪل مسئلي جي ڪري دستياب نه هجي، ته آڇ ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي، يا EPADS ذريعي ٻڌايل طريقي مطابق کولي ويندي.
9. لاڳاپيل وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن جا سيئي لاڳو ٿيندڙ ٽيڪس، ڊيوٽيون، ليويز ۽ اسٽامپ ڊيوٽي لاڳاپيل چٺنلن ۽ ضابطن جي مطابق ڪاٽيا / وصول ڪيا ويندا.
10. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي ضابطي 25 جي تحت، (جيئن وقت بوقت ترميم ٿيل آهي) ڪنهن به وقت آڇ قبول ڪرڻ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي.
11. آڇ شيڊول ۾ ڪا به ترميم، وضاحت يا تبديلي SPPRA EPADS ۽/يا سرڪاري SPPRA ويب سائيٽ ذريعي ٻڌائي ويندي.
12. سفارش ڪرڻ، غلط معلومات جمع ڪرائڻ، حقيقتن کي لڪائڻ يا جعلي دستاويزن جو استعمال نااهلي جو سبب بڻجندو ۽ لاڳاپيل قانونن ۽ ضابطن تحت ڪارروائي ٿي سگهي ٿي.

اهليت جو معيار:

a) واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ تي C-6 يا ان کان مٿي جي ڪئيگري ۾ صحيح PEC رجسٽريشن/لائسنس، لاڳاپيل اسپيشلائزيشن ڪوڊ CE01 سان گڏ.
b) فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي لسٽ (ATL) تي صحيح نيشنل ٽيڪس نمبر (NTN) ۽ فعال حيثيت.
c) فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ جي حيثيت سان سنڌ روينيو بورڊ (SRB) جي صحيح رجسٽريشن.
d) گذريل پنجن (05) سالن دوران مڪمل ڪيل ساڳئي نوعيت جي ڪمن جا دستاويزي ثبوت. ڪم جي آرڊرن/معاهدن ۽ مڪمل ٿيڻ/ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽن سان گڏ، جيئن واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيل آهن.
e) هٿ هيٺ ڪمن جا تفصيل، جن ۾ ڪم جا آرڊر، موجوده پيش رفت ۽ متوقع مڪمل ٿيڻ جون تاريخون شامل آهن.
f) گذريل ٽن (03) مالي سالن جا آڊٽ ٿيل مالي گوشوارا ۽ واڪ دستاويزن ۾ مقرر ڪيل سراسري سالانه ڪاروبار/مالي صلاحيت جو ثبوت.
g) قابل ٽيڪنيڪل عملي جا تفصيل، بشمول PEC رجسٽريشن، قابليت ۽ تجربو، ملازمت جي ثبوت سان گڏ.
h) ملڪيت، ليز يا دستيابين جي دستاويزي ثبوت سان گڏ تعميراتي مشينري ۽ سامان جي فهرست.
i) غير_عدالتي اسٽامپ پيپر تي حلف نامو جنهن ۾ اهو ظاهر ڪيو ويو هجي ته واڪ ڏيندڙ/فرم ڪنهن به وفاقي، صوبائي يا مقامي حڪومت جي کاتي، پبلڪ سيڪٽر اداري يا خريدار ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ يا معطل نه ڪيو ويو آهي.
j) آڇ سان گڏ جمع ڪرايل سموري ڄاڻ ۽ دستاويزن جي درستگي ۽ صداقت بابت حلف نامو.
k) مناسب طور تي صحيح ٿيل ۽ مهر لڳل انٽيگريٽي پيڪٽ، جتي لاڳو هجي ۽ واڪ دستاويزن تحت گهربل سيئي بيا فارم، شيڊول ۽ دستاويز

نوٽ: پروڪيورنگ ايجنسي تصديق لاءِ ڪنهن به مرحلي تي اصل دستاويز پيش ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهي ٿي. ڪنهن به تڪرار جي صورت ۾، واڪ دستاويز ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (جيئن وقت بوقت ترميم ٿيل آهن) لاڳو ٿيندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هائوسنگ (پي ڪنسٽريشن) ڊويزن-I
ايچ.ڊي.اي حيدرآباد

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/4942/2026

ٽنڊو آدم لڳ نائي هٽان ٽي ڏينهن اڳ مرٽيننگ ٿيل سهري اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

ڳوٺ جلال مريءَ ۾ گهريلو معاملن تان نائي رامون ڪولهي پيرسن سهري ڪمون ڪولهي کي ڏنڊا هڻي مرٽيننگ ڪيو

زخمي کي تعلقي اسپتال آنڊو ويو جتان نازڪ حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو

اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي پيرسن دم ڏئي حوالي ڪيو، وارثن ۾ ڪهرام، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ٽنڊو آدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊو آدم لڳ نائي هٽان سهرو قتل، لاش اسپتال منتقل، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، ڪيس داخل نه ٿيو رپورٽ موجب ٽي ڏينهن اڳ ٽنڊو آدم جي تعلقا ٿاڻي جي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5


مٽياري: راول شرجيل ميمڻ سان اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

ميهڙ ويجهو زرعي زمين مان نوجوان جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ منڪواڻي پرسان زرعي زمين مان لڳ ڀڳ 40 ورهين جي نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سڃاڻپ لاءِ تعلقي اسپتال گمس ميهڙ منتقل ڪيو جتي فوتي جي سڃاڻپ نه ٿي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5


ميهڙ: فوت ٿيل شخص جو لاش پيل آهي

ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات نه ملڻ تي نوجوان پنهنجو ڳلو ڪپي ڇڏيو

قائمخاني پاڙي ۾ عمران عرف ملڪ پرڙيءَ آئس جي عادت سبب پريشان انتهائي قدم کنيو

زخمي کي تعلقي اسپتال اندر ويو جتان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ منشيات جي روڪٿام بابت پوليس جي دعوائن تي سواليا نشان مزدور نوجوان پاران ڳلو ڪپي خودڪشي جي ڪوشش ڪوٽ غلام محمد ڪوٽ غلام
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ارانڊين دوران شاگرديائيون ڊوڙي رهيون آهن

ڪپرو لڳ هفتو اڳ روڊ حادثي جو هڪ وڌيڪ زخمي فوت، انگ 3 ٿي ويو

عمرڪوٽ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب زخمي رام اوڊ فوت ٿي ويو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو-عمرڪوٽ روڊ تي هڪ هفتو اڳ ڏنگ موري اسٽاپ وٽ ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ زخمي ٿيل ڳوٺ هڏا موري واسي نوجوان رام ولد منو اوڊ فوتي ٿي ويو هن روڊ حادثي ۾ اڳ ۾ پٽ پائيٽي واسي پرائمري اسڪول استاد عبدالله سمون مقامي زميندار شير محمد سمون واقعي واري ڏينهن فوت ٿي چڪا روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ڳوٺ هڏا موري واسي رام ولد منو اوڊ به فوت زخمي لالو اوڊ جو علاج هلندڙ آهي.

مورو مان نوجوان بيهوشي حالت ۾ هٿ، اسپتال داخل

سنڌ ڪالوني وٽان هٿ آيل رميز سولنگي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مورو (ن ع) مورو جي سنڌ ڪالوني وٽ هڪ نوجوان رميز سولنگي بيهوشي واري حالت ۾ مليو آهي جنهن کي فوري طور تي علاج لاءِ مورو اسپتال آندو ويو آهي جتي سندس علاج جاري آهي سندس والده موجب ڪيس نامعلوم ماڻهون ڪٺي ويا هئا، بعد ڪيس اڇلائي هليا ويا وڌيڪ نوجوان جي هوش اچڻ بعد معلومات حاصل ٿيندي

لڪي غلام شاهه ۾ شهيد امر ڀڳت ڪنور رام جي 87هين ورسي، ڀيٽا پيش

تقريب ۾ هزارين عقيدتمندن ۽ سياسي، سماجي، مذهبي توڙي ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي

ڀڄن، ڪيرتن، ست سنگ ۽ پوجا پاٺ، پنج هزار کان وڌيڪ ڏيئا ۽ مٺ ٻڌڻ ۾ ڀاري ڀيٽا پيش

لڪي غلام شاهه(ن ع)لڪي غلام شاهه ويجهو تاريخي ريلوي اسٽيشن رڪ تي سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ، امن محبت ۽ ڀائيچاري جي علامت شهيد امر ڀڳت ڪنور رام جي 87هين ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ان موقعي تي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن مان آيل عقيدتمندن سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ادبي شخصيتن سميت هزارين ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورسي جي موقعي تي شرڪت ڪندڙن پاران 5 هزار کان وڌيڪ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5


لکي غلام شاهه: رڪ اسٽيشن تي ڀڳت ڪنور رام جي ياد ۾ گل پاشي ڪئي پئي وڃي

مورو ۾ نوجوان نياڻي جو پاڻ مٿان فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جا اطلاع، قتل جا چوپول

ڳوٺ مڻو خان ٽوڙرو ۾ شائل عرف شانو ڌيءَ الهجڙيو ٽوڙرو جو پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪرڻ جا اطلاع

اطلاع تي پوليس پهچي ناري جو لاش تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) نوجوان نياڻي جو پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جا اطلاع علائقي ۾ قتل جا چوپول قمرالدين چانڊيو ٿاڻي جي حد ديوان جو ڪڙيو لڳ ڳوٺ مڻو خان ٽوڙرو ۾
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5


ڪڙيوگهنور: حادثي ۾ زخمي ٿيلن کي علاج لاءِ اسپتال نيو پيو وڃي

باقراڻي پرسان ٽي ڏينهن اڳ هٿ آيل عورت جو لاش سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

باقراڻي (ن ع) باقراڻي پرسان ٽي ڏينهن اڳ يونيورسٽي ٿاڻي جي حد ڪڇي واري علائقي جي ڳوٺ چنيسر جتوئي پرسان هٿ آيل نامعلوم عورت جي گهٽ ڏئي قتل ڪيل لاش جي سڃاڻپ لاڙڪاڻي جي 7 نمبر ناڪي واسڻ ڪبري زال محمد جمن ميربحر طور ٿي آهي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي يونيورسٽي ٿاڻي جي پوليس
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

نيشنل هاءِ وي جي الجدہ هوٽل سامهون حادثي ۾ 15 ورهين جو انصاف ٻرڙو فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

مورو(ن ع) مورو قومي شاهراهه تي نيشنل هاءِ وي جي الجدہ هوٽل سامهون افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو جتي تيز رفتار ٽرڪ موٽرسائيڪل سوار کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 15 ورهين جو نوجوان ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو حادثي ڪانپوءِ فوتي نوجوان کي مورو سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي هوڏانهن فوتي نوجوان جي سڃاڻپ انصاف ٻرڙو جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته واقعي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ ذهني مريض پيرسن پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

دادو(د-ر) دادو شهر جي شهباز ڪالوني واري علائقي ۾ رهواسي 52 سالا نورالدين ملاح ذهني توازن درست نه هئڻ سبب گهر اندر ڳچي ۾ اڳٺ ٻڌي پکي ۾ ٽنگي خودڪشي ڪري ڇڏي، واقعي جو اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه پرسان خوفناڪ روڊ حادثو 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

چوڏڳي روڊ تي جيپ ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو

غلام شبير ڊومڪي، منور ڊومڪي ۽ عبدالعليم سخت زخمي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه پرسان خوفناڪ روڊ حادثو ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، چوڏڳي روڊ تي جيپ ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٿيل زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ پٽ اسپتال کان سول اسپتال حيدرآباد منتقل، پٽ شاهه لڳ چوڏڳي روڊ تي ڪموڙ وٽ جيپ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار ٽي ڄڻا غلام شبير ڊومڪي، منور علي ڊومڪي ۽ عبدالعليم ڊومڪي سخت زخمي ٿي پيا،
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ڳتا ۽ خالي بوتلون ميڙيندڙ ٻه ٻارڙا پراسرار نموني گم، ٿاڻي تي رپورٽ داخل

ڳتا ۽ پلاسٽڪ ميڙي گذر ڪندڙ معصوم ٻارڙا 12 سالہ مالو جنداوڙو ۽ 10 سالا وڪرم جنداوڙو ٻن ڏينهن کان لاپتا ٿي ويا

اسين رورل هيلٿ سينٽر ويجهو ڪچن گهرن ۾ رهندا آهيون، پيٽ گذر سفر لاءِ شهر ۾ ڳتا ۽ خالي بوتلون چونڊي وڪڻندا آهن، راڻي جنداوڙي

ٻه ڏينهن اڳ گهران نڪتا اڃا تائين واپس نه موٽيا آهن گم ٿيل ٻنگرن جي حيدرآباد، مٽياري ۽ ٽنڊوڄام جي مختلف هنڌن تي ڳولا ڪئي آهي، لڪي جنداوڙي

ٽنڊوڄام(ٽ ا) ٽنڊوڄام ۾ ڳتا ۽ خالي بوتلون ميڙيندڙ ٻه ٻارڙا پراسرار نموني گم، ٿاڻي تي رپورٽ داخل، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل، ٽنڊوڄام ۾ ڳتا ۽ پلاسٽڪ ميڙي گذر ڪندڙ معصوم ٻارڙا 12 ورهين جو مالو جنداوڙو ۽ 10 سالا وڪرم جنداوڙو ٻن ڏينهن کان پراسرار نموني لاپتا ٿي ويا آهن ٻارڙن جي گمشدگي سبب سندن وارث سخت پريشان آهن انهيءَ حوالي سان
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڊي ايڇ او حيدرآباد پاران مختلف مرڪزن جا دورا، پوليو ٽيمن جو جائزو ورتو

پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا وڃن: ڊاڪٽر پير غلام حسين

آڱرين تي صحيح نشان لڳايا وڃن اسڪولن ۾ ٻارن جي ويڪسينيشن کي ترجيح ڏني وڃي

حيدرآباد(اسحاق (رپورٽر) ڊي ايڇ او ڊاڪٽر پير غلام حسين پاران پوليو مهم جي پهرئين ڏينهن مختلف علائقن ۽ مرڪزن جا دورا ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو پوليو مهم جي پهرئين ڏينهن ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين ڪوئيٽا ڪائون ڊسپينسري ۾ صبح جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سائي اهلڪارن ڇاپن ۾ مدد نه ڪئي ته ايس ايڇ او مختيار ڏيرو ڪيس سوين ماڻهن سامهون پڙندا ڏيندو رهيو

سي آئي سي مٽياري ملاح برادري جي ماڻهن ۽ خيبراڻي پوليس وچ ۾ جهيڙو، ايس ايڇ او جا ڪپڙا ڦاڙيا ويا

خاصخيلي واڙ وٽ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ تان سي آئي سي پوليس ۽ ملاح برادري جي ماڻهن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو، خيبراڻي پوليس وچ ۾ پئي ته ڇڪتاڻ وڌي وئي

ملاح برادري احتجاجن قومي شاهراهه تي رڪاوٽون وجهي ڌرڻو هڻي روڊ ٻنهي طرفن کان بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ جام ٿيڻ سبب مسافرن کي سخت پريشاني ٿي

سي آئي اي حيدر ملاح کي بيگناهه گرفتار ڪيو ۽ ڪيس ڇاڙهڻ تي سي آئي اي ۽ خيبراڻي پوليس جي ايس ايڇ او اهلڪارن سان ڳالهه مارڪٽ ڪئي ڳوڙها

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه پرسان خاصخيلي واڙ وٽ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ تان سي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5


سڪر: سيد ڪميل حيدر شاهه پنجاب جي گورنر سان گڏ بيٺل آهي

ٽنڊوآدم ۾ ايف بي آر جي مبينا زيادتين خلاف ڊاڪٽرن جو احتجاج

مظاهرين ڊاڪٽر بشير احمد خاصخيلي، ڊاڪٽر عبدالوحيد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

طبي ادارن کي حراسان ڪرڻ بند ڪري ڊاڪٽرن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ ايف بي آر جي مبينا زيادتين خلاف ڊاڪٽرن جو احتجاج، اسپتال ۽ خانگي ڪلينڪون ٻن ڪلاڪن لاءِ بند رپورٽ موجب پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) سينٽر
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پي ايم اي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻئي ڏينهن به احتجاج جاري

بائيڪاٽ سبب سرڪاري اسپتالن ۾ او پي ڊي سروسز جي بندش سبب مريض پريشان

اختياريون بامعني ڳالهيون ڪري طبي برادري جي مطالبن تي عملي پيش رفت ڪن

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) سکر فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي پوائنٽ آف سيل (پي او ايس) پاليسي خلاف پنهنجو احتجاج جاري رکي رهي آهي، جنهن تحت
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

فنڪار شمن ميرالي ۽ سندس زال مرڪ شاهه جي درخواست تي حيدرآباد جي عدالت ۾ ٻڌڻي

مشهور فنڪار شمن ميرالي پنهنجي زال اڳوڻي فنڪاره مرڪ شاهه کي طلاق ڏيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

شمن ميرالي طرفان طلاق ڏيڻ جي ڳالهه ٻڌي اڳوڻي ڪمپيئر مرڪ شاهه سڏڪي پئي، سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا

مرڪ شاهه ڏ مڙس طرفان گهر مان ڪڍڻ، رهائش جو بندوبست نه ڪرڻ ۽ خرچ نه ڏيڻ خلاف وڪيل معرفت عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي

شمن ميرالي ۽ مرڪ شاهه عدالت ۾ پيش ٿيا، عدالت ڌرين جا بيان ۽ وڪيلن جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو 17 نومبر تائين محفوظ ڪري ورتو

منهنجي زندگي سان کيڏڻ جو اختيار ڪنهن کي به ناهي، طلاق ڏيڻ ڪانپوءِ عورت کي بي سهارو ڇڏڻ ڪهڙو انصاف آهي، مرڪ شاهه

الله جي دربار ۾ ضرور انصاف ٿيندو مون کي الله تي پورو يقين آهي، الله وٽ دير آهي پر انڌير ناهي، مون سان ضرور انصاف ٿيندو

مون پيار تي ڀروسو ڪندي نڪاح وقت شمن ميرالي آڏو ڪا به شرط نه رکيو هو ڀروسو ڪيو پر ان ڀروسي کي شمن ٽوڙي ڇڏيو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي مشهور فنڪار شمن ميرالي ۽ سندس زال مرڪ شاهه جي درخواست تي حيدرآباد جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي ، جتي شمن ميرالي پنهنجي زال اڳوڻي فنڪاره
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5



جوهي جي مختلف شاخن ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ڳوٺاڻن جو ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو

مظاهرين حسن لاشاري ، عرس پنهور ، سڄڻ پهر، واحد بخش جسڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايريگيشن انجنيئر ، اي سي ۽ ٻيو عملو پيسن عيوض اسان جي حصي جو پاڻي بااثرن کي ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

پڇڙي ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمين غير آباد ۽ چوپايو مال به ڏڪي رهيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

دادو(د-ر) جوهي جي مختلف شاخن ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ڳوٺاڻن جو دادو ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ايريگيشن عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5


ٽنڊوآدم: فوت ٿيل شخص جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

سڪرنڊ جو سٽي فور فيڊر لوڊ شيڊنگ فري ٿي ويو، حيسڪو چيف افتتاح ڪيو

هن فيڊر مان صحت، تعليم کاتي، بينڪن کي فري لوڊ شيڊنگ ڪنيڪشن ڊنو ويندو: فيض الله ڏاهري

انشاءَالله ڪوشش ڪنداسين ته سڪرنڊ شهر کي هڪ ٻيو فيڊر ڏيون، ان ۾ غلام قادر چانڊيو جو اهم ڪردار آهي

سڪرنڊ (س ر) ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جي ڪوشش سان سڪرنڊ شهر کي فري لوڊ شيڊنگ جي حوالي سان اليون کي وي سٽي فور فيڊر منظور ڪرايو ويو جنهن جو افتتاح سي او فيض الله ڏاهري ڪيو، ان سلسلي ۾ تعلقہ اسپتال سڪرنڊ ۾ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ڊيڪي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مقتول دلشير برفت جو ٽيجهو ٿي گذريو، صحافي عظيم باريچو ۽ سرمد باريچو عدالتي ريمانڊ تي ڪوٽڙي پوليس جي تحويل هيٺ

ڪوٽڙي ۾ باريچا ۽ برفت برادري ۾ خوني جهيڙي کان پوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ جاري

مقتول دلشير برفت جو ٽيجهو نانگولائين ۾ ٿيو، علائقي جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

باريچا برادري جي گهرن تي پوليس اتالا لاڳيتو موجود، الزام هيٺ آيل صحافي عظيم باريچو ۽ سرمد باريچو نامعلوم هنڌ منتقل

باريچا فيملي اڏيرو لعل ۾ ڪنهن مصيبت ۾ آئي ۽ ڪين انهن اڏيرو هو نه ملڪ سڪندر خان هتي کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏينون: ڪائونسلر جلال الدين

ڪوٽڙي/ڪوٽڙي سائيٽ (نمائندن وٽان) ڪوٽڙي ۾ باريچا ۽ برفت برادري ۾ خوني جهيڙي کان پوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي جڏهن ته مقتول دلشير برفت جو ٽيجهو نانگولائين ڪوٽڙي ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ علائقي جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هوڏانهن باريچا برادري جي گهرن تي پوليس اتالا لاڳيتو موجود آهن الزام هيٺ آيل صحافي عظيم
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: خيبر سومرڪي ۽ ڪوڪر شاخ پاڻي جي هترادو ڪوٽ خلاف ڪچهري ڪئي پئي وڃي


فقيرآباد: فوت ٿيل ٽينگر جو مڙهه سندس گهر ۾ پيل آهي

دادو ۾ گهٽي جي لنگهه تان ٻنڌ ۽ ڪورائي برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

دادو(د-ر) دادو شهر جي اخوند محلا ۾ گهٽي مان لنگهه جو مٽع ڪرڻ تان ٻنڌ برادري ۽ ڪورائي برادري ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ڏنڊن ۽ لوهي سريا لڳڻ سبب فريد ڪورائي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن زخمي حالت ۾ دادو
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ سيپڪو عملدارن جي زيادتين خلاف رهواسين جو احتجاجي ڌرڻو

انجمن تاجران جي سڏ تي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ واپارين تنظيمن سميت شهرين پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو

هترادو لوڊشيڊنگ سان گڏوگڏ شهرين ڏانهن ڊبڪشن بل ۽ واڌو يونٽ مڙهيا وڃن ٿا جيڪا زيادتي آهي: مظاهرين

چونڊيل نمائندن توڙي اعليٰ عملدار ڪرپٽ عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري سيپڪو جي ظلم مان جان ڇڏائين

جيڪب آباد (ڏ ر) جيڪب آباد ۾ سيپڪو عملدارن جي زيادتين خلاف سياسي، سماجي، مذهبي توڙي واپاري تنظيمن سميت سوين ماڻهن روڊن تي نڪري آيا، احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو خبر موجب: جيڪب آباد ۾ سيپڪو عملدارن جي زيادتين، بجلي جي هترادو لوڊشيڊنگ، ڊبڪشن بل ۽ واڌو يونٽ مڙهڻ واري عمل خلاف انجمن تاجران جي سڏ تي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بوزداروڏا واسين جو عطائي ڊاڪٽرن خلاف احتجاج، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

مظاهرين قاسم علي، ديدار اختر، اوشاق ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

عطائي ڊاڪٽر جي غلط علاج سبب علائقي جا 4 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

بوزداروڏا (ن ع) بوزداروڏا پرسان ڳوٺ قادر بخش سيال جي رهواسين جو عطائي ڊاڪٽر پاران ڳوٺاڻن ۽ عورتن ٻارڙن جو غلط علاج ڪرڻ آزار خلاف سيال برادري جي ماڻهن قاسم علي ديدار سيال اختر سيال اوشاق عامر وحيد آزاد سيال دلبر جواد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بوزداروڏا وريل شاهه روڊ جي مين چوڪ تي نئڍڙن معصوم ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڏانهيندي الزام هڻندي ميڊيا کي ڏانهيندي ٻڌايو ته اسان
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پوليس ڪانسٽيبل امتحان پاس اميدوارن جو آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو ڇهين ڏينهن به احتجاج ڪيو

وزيراعليٰ سنڌ، گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي آفر آرڊر جاري ڪري پريشاني دور ڪن

سکر (بيورو رپورٽ) - سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبلن جي ڀرتي لاءِ تحريري امتحان ۽ ٻيا مرحلا پاس ڪندڙ ايس پي ڊي-01 جي 10 هزار کان وڌيڪ ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي ڪئمپ ڇهين ڏينهن به جاري رهي اميدوارن جيڪي اڍائي سالن کان آفر آرڊر جي انتظار ۾ آهن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ حڪومت، وزيراعليٰ سنڌ، گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ معاملي جو فوري طور تي نوٽيس
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5


جيڪب آباد: سيپڪو عملدارن خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

موري ۾ پورهيت جو بااثر جي ڌمڪين خلاف احتجاج

مورو (ن ع) ڪوڙي قتل ڪيس ۾ ڦاسائڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ڳوٺ حاجي هدايت الله آرائين واسي مزدوري ڪري پيٽ پاليندڙ پورهيت ارشاد بگهيو جي پيرسن امڙ شهزادي بگهيو ۽ سندس
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو سولنگي ۽ جاگيراڻي برادري ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي، 30 کان وڌيڪ گرفتار

وڏا ماڇيون ۾ واسي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار تان فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڇڪتاڻ بعد ايس ايس پي جي نگراني ۾ پوليس ٻنهي برادرين خلاف آپريشن ڪندي 30 ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

امن امان جي بحالي لاءِ ٻنهي علائقن ۾ 10 کان وڌيڪ پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن: ايس ايس پي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور جي علائقي ڪوٽ پل ۽ وڏا ماڇيون ۾ سولنگي ۽ جاگيراڻي برادرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۽ ٻنهي برادرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿيڻ بعد خيرپور پوليس وڏو آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي پوليس ٻنهي برادرين جي 30 کان وڌيڪ ماڻهن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

غلام الله پرسان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، هڪ ڄڻو سخت زخمي

غلام الله (ن ع) غلام الله پرسان پڪيپڙا ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون ۽
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙا رانڊين ۾ حصو وٺي رهيا آهن

خيرپور پوليس پاران منشيات سپلائرز گينگ جو اهم جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار مبين جاگيراڻي کي گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي آهي: پوليس

گرفتار جوابدار کان سندس گينگ جي ٻين جوابدارن بابت پڇا ڳاڇا جاري آهي

خيرپور(د ر) خيرپور: منشيات سپلائرز گينگ جو اهم جوابدار گرفتار، 4 هزار 119 گرام چرس هٿ، ايس ايس پي امير سعود مگسي تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ٻڌايو آهي ته خيرپور پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي منشيات سپلائرز گينگ جي اهم جوابدار مبين جاگيراڻي کي گرفتار ڪيو آهي ايس ايس پي امير سعود مگسي موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان 4 هزار 119
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين ڊاڪٽر جاويد سمون، ڊاڪٽر آزاد لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر ٽيڪس ڏيڻ چاهين ٿا، پر ان لاءِ مناسب ۽ منصفاڻو شيڊيول مقرر ڪيو وڃي

خيرپور(د ر) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن، پاڪستان اسلامڪ ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي اڳواڻن ڊاڪٽر جاويد سمون، ڊاڪٽر آزاد لاشاري، ڊاڪٽر علي گوهر بوزدار، ڊاڪٽر ذوالفقار چنا، ڊاڪٽر مراد خيساڻي، ڊاڪٽر يار محمد ڦلپوٽو، ڊاڪٽر نثار منگي، ڊاڪٽر عبدالقيوم سهتو ۽ ڊاڪٽر مشتاق شيخ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽر ٽيڪس ڏيڻ چاهين ٿا، پر ان لاءِ مناسب ۽ منصفاڻو شيڊيول مقرر ڪيو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ڪينٽ ۾ هفتيوار صفائي مهم جاري، شهرين کي سهڪار جي اپيل

ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر محمد رضوان جي نگرانيءَ ۾ ڪينٽ جي مختلف علائقن ۾ صفائي ڪئي وئي

شهرين کي گهرن ۽ گهٽين کي صاف رکڻ، ڪچرو مقرر هنڌن تي اڇلائڻ ۽ عملي سان سهڪار جي اپيل

حيدرآباد (اسحاق رپورٽر) ڊي جي ملٽري لينڊز ۽ ڪينٽونمنٽ جي هدايتن تي ڪينٽونمنٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر محمد رضوان جي نگرانيءَ ۾ ڪينٽ جي مختلف علائقن ۾ هفتيوار صفائي مهم جاري آهي هن مهم تحت ڪينٽ جي مختلف علائقن ۾ صفائي ستراڻي جا خاص اڳواٽ قدم کنيا پيا وڃن جن ۾ سڙڪن، گهٽين ۽ عوامي جڳهن جي صفائي، ڪچرو ڪڍڻ ۽ ماحول کي صاف ستھرو رکڻ تي خاص توجهه ڏني پئي وڃي هن مهم جو مقصد نه صرف
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: ڪينٽونمينٽ بورڊ پاران صفائي مهم دوران عملو روڊ صاف ڪري رهيو آهي

دادو ۾ ڪوڙي واقعي جي عدالتي تحقيقات ڪرائڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو

صحافين ولي محمد لنڊ، گلن پنڊ، نظام شيخ، علي گل چنا ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪنهن به ڳالهه تان قتل ٿيڻ ڏک پر ٻيو عمل آهي ذميوارن خلاف ضرور ڪاروائي ٿيڻ گهرجي

دادو(د-ر) دادو پريس ڪلب پاران ڪوڙي واقعي بابت عدالتي تحقيقات ڪرائڻ ۽ اصل ذميوارن کي سزا ڏيارڻ ۽ بي نقاب ڪرڻ لاءِ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ ولي محمد لنڊ، ايڇ يو جي ضلع دادو جي صدر گلن پنڊ، پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، علي گل چنا، ممتاز پنڊ، مختيار سومرو، نياز چانڊيو، ضمير ڪوريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج مظاهرو ڪندي اڳواڻن چيو ته ڪنهن به ڳالهه تان قتل ٿيڻ ڏک پر ٻيو عمل آهي ذميوارن خلاف
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر کي ڏڪار سٽيل ضلعو قرار ڏيڻ لاءِ وڏي وزير کي خط، هنگامي امداد جو مطالبو

پ پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري وڪيل ڪنڊن مالهي طرفان خط لکيو ويو

ضلعي ۾ آبادگارن ۽ مالوند ماڻهن کي بنا وياج قرض ۽ مالي سهائتا ڏيڻ جا مطالبا

مٺي (ڏ ر) پ پ پ ضلعي ٿرپارڪر جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري وڪيل ڪنڊن مالهي ٿرپارڪر ۾ هن سال معمول کان گهٽ برساتون پوڻ سبب ٿرپارڪر ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال ۽ عوام کي درپيش معاشي توڙي سماجي مسئلن بابت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي آگاهه ڪندي ضلعي کي باقاعده ڏڪار سٽيل (Affected Area-Drought) قرار ڏيڻ لاءِ تفصيلي خط لکي ڇڏيو آهي وڪيل ڪنڊن مالهي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.